اطلاعات کاتو
حکومتِ سنڌ

ماهوار
# پيغام
ڪراچي

فيبروري 2023ع



جڳ مشهور ترقي پسند شاعر
فيض احمد فيض



سنڌ حڪومت عوام کي
سستي بجلي مهيا ڪرڻ لاءِ ڪوشان



عورتن کي هر شعبي ۾ موقعا ملڻ گهرجن



ڪشمير جي تاريخي حيثيت



سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو ايڪسپو سينٽر ۾ منعقد ايراني سنگل ڪنٽري نمائش ۾ لڳايل اسٽال جو دورو.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزيراعليٰ هائوس ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪراچي ڊويزن ۾
مڪاني چونڊن جي اميدوارن سان ملاقات لاءِ منعقد پروگرام سان خطاب ڪري رهيو آهي.

ماهوار پيغام ڪراچي
فيبروري 2023ع

اطلاعات کاتو
حڪومتِ سنڌ

# ماهوار پيغام ڪراچي

جلد 26، شمارو 14، فيبروري 2023ع

نگران اعليٰ
**شرجيل انعام ميمڻ**
صوبائي وزيراطلاعات، حڪومت سنڌ

نگران
**عمران عطا سومرو**
سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ

چيف ايڊيٽر
**منصور احمد راجپوت**
ڊائريڪٽر، پبليڪيشن

......

**ارم ملڪ**
ڊپٽي ڊائريڪٽر

ايڊيٽر
**علاب علي ڏيٽو**
انفارميشن آفيسر

اسسٽنٽ ايڊيٽر
**علي حسن چانڊيو**

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| سنڌ حڪومت طرفان امن امان جي قيام ۽ صوبي جي ترقيءَ لاءِ ورتل اپاءَ | ايڊيٽوريل | 2 |
| سنڌ جي عوام کي سستي بجلي مهيا ڪرڻ جا منصوبا | سفير احمد | 3 |
| سنڌ ۾ عوام لاءِ جديد سفري سهولتن جي شروعات | طارق احمد | 6 |
| ڪشمير جي تاريخي حيثيت | امام ڏنو | 9 |
| سنڌ لينڊ ايلينيئشن بل بابت سنڌ قانونساز اسيمبليءَ جي ڪارروائي | عبدالستار بلوچ | 11 |
| عورت خوشحال تہ سنڌ خوشحال | نزاڪت علي | 18 |
| ڊجيٽل دور ۾ سنڌ جو نوجوان | فرحان تنيو | 21 |
| سنڌ جي ٽالپر خاندان جي علم شناسي | ميرزا علي متقي بيگ ڪربلائي | 24 |
| حضرت سيد صدرالدين شاھ بادشاھ سکر وارو | محمد ياسين | 34 |
| انبياء عليهم السلام جي آزمائشن جو مقصد | نور افشان | 36 |
| الله طرفان انسانن کان آزمائشن جو مقصد! | قربان حسين | 39 |
| سنڌ جي عظيم سائنسدان ايم ايڇ پنهور جي ياد ۾ هڪ اداري جو قيام | شبير احمد مغيري | 42 |
| جڳ مشهور ترقي پسند شاعر فيض احمد فيض | عطا حسين زين سولنگي | 45 |
| شيخ مبارڪ سنڌي: سنڌ مان هند ڏانهن لڏي ويل هڪ گمنام عالم | مرزا ڪاظم رضا بيگ | 51 |
| ڪراچي کان گورک جو سفر | حبدار علي | 53 |
| ڪينسر ۽ ان جو علاج | يسرا سليم | 56 |

رابطي لاءِ:

www.information.sindh.gov.pk/publications
publication.sid@gmail.com
www.twitter.com/Publication_sid
www.facebook.com/publication.sid
021-99202610

**ڇپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ،**
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ B-4، ڪراچي. 74200.

**ڇاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي**
9 ماڙ، آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي.

ايڊيٽوريل

# سنڌ حڪومت طرفان امن امان جي قيادم ۽ صوبي جي ترقيءَ لاءِ ورتل اپاءُ

سنڌ اندر ماضيءَ ۾ ڏوهاري ڪاررواين ۾ ڪافي تيزي ڏسڻ ۾ ايندي هئي، انهي حد تائين جو شام ٿيڻ کان پوءِ ماڻهو پنهنجي گهرن اندر محصور ٿي ويندا هئا. جڏهن ته اتر سنڌ جي علائقن جيڪب آباد، سکر، ڪنڌڪوٽ، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ رات جو پوليس ڪانواءِ کان سواءِ هلڻ محال هوندي هئي. پر گذريل ڪجهه سالن کان سنڌ حڪومت جي بهتر انتظامڪاري ۽ سنڌ پوليس جي سٺي ڪارڪردگيءَ سبب سنڌ جي عوام سک جو ساهه کنيو آهي، هاڻي نه ته کو ڀهراڙين ۾ اها چورا ڪاري رهي آهي نه وري شهرن ۾ ڦرلٽ، دهشتگردي ۽ ڏاڙيل گرديءَ جا واقعا. خاص طور تي سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن شهرن ۾ هاڻي رات جو سفر ڪرڻ به سولو ٿي ويو آهي.

سنڌ ۾ ترقياتي عمل ڪافي عرصي تائين امن امان جي صورتحال سبب رُڪيل رهيو پر سنڌ حڪومت جي امن امان بحال ڪرائڻ واري پاليسيءَ سبب ترقياتي ڪمن ۾ به تيزي اچي وئي آهي جنهن جو واضح مثال ٿرڪول پراجيڪٽ آهي. جيتوڻيڪ ٿر ۾ ڪوئلو 1992ع ۾ دريافت ٿيو هو ۽ تڏهوکي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو ان حوالي سان ٻن يادداشتن تي صحيحون پڻ ڪيون هيون، جنهن ۾ هڪ مائننگ ۽ ٻي بجلي جي پئداوار جي حوالي سان هئي. پر ڪن رنڊڪن ۽ رڪاوٽن سبب ٿرڪول جو ڪم ڏگهي عرصي تائين رولڙي جو شڪار رهيو. نيٺ وڏي جدوجهد ۽ جاکوڙ کان پوءِ ٿرڪول واري ڪم کي پ پ حڪومت ئي اڳتي وڌايو هن وقت ٿرڪول بلاڪ ٿو مان بجلي جي پئداوار شروع ٿي چڪي آهي ۽ هاڻ ٿر ۾ سيڙپڪارن جون قطارون لڳل آهن، اها دراصل سنڌ حڪومت جي ئي ڪاميابي آهي جو هاڻ سيڙپڪار بنا ڪنهن خوف جي سنڌ جو رخ ڪري رهيا آهن.

سنڌ حڪومت ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ روڊن جو به ڄار وڇايو آهي ۽ پبلڪ پرائيوٽ پارٽنر شپ هيٺ ڪيترائي منصوبا مڪمل ڪيا ويا آهن. مٿي کان اسلام ڪوٽ روڊ ان جو واضح مثال آهي، جنهن کي پاڪستان جي بهترين روڊن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

سنڌ حڪومت طرفان اسلام ڪوٽ ۾ پهريون ايئرپورٽ تعمير ڪرڻ ۽ مٺيءَ ۾ ماڊل اسپتال اڏڻ به هڪ وڏو ڪارنامو آهي. سنڌ حڪومت ٿر ۾ ترقي ۽ ان جي ڪوئلي جي ذخيرن مان ڀرپور فائدو کڻڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. گڏوگڏ ٿر ڪول بلاڪ ٿو جي متاثرن لاءِ ماڊل وليج تعمير ڪري کين زندگيءَ جون بهترين سهولتون مهيا ڪيون آهن.

**منصور احمد راجپوت**

چيف ايڊيٽر

# سنڌ جي عوام کي سستي بجلي مهيا ڪرڻ جا منصوبا

سفير احمد

سنڌ حڪومت هميشہ صوبي جي عوام کي صحت، صفائي توڙي زندگي جي ٻين شعبن ۾ بهترين سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪوشان نظر ايندي آهي، جن مان سنڌ توڙي پوري پاڪستان جو عوام مستفيد ٿيندي نظر اچي ٿو.

پوري ملڪ ۾ بجلي جو بحران هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن کان ڪو بہ باشعور ماڻهو منهن نٿو موڙي سگهي، خاص طور تي اونهاري جي ڏينهن ۾ ان بحران ۾ وڌيڪ تيزي اچي ويندي آهي، شهرن ۾ تہ وري بہ جيئن تيئن ماڻهن جو گذارو ممڪن ٿيو وڃي پر ٻهراڙين ۾ ڏاڍي خراب حالت هوندي آهي. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ سخت اونهاري ۾ چوويهہ چوويهہ ڪلاڪ بہ بجلي غائب هوندي آهي جنهن ڪري ماڻهن جي زندگي بلڪل عذاب بڻجي ويندي آهي.

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ واپڊا وارا اهو چئي بجلي بہ ڏينهن غائب ڪري ڇڏيندا آهن تہ ماڻهو بل نٿا ڀرين. ڪنڊا ڪنيڪشن استعمال ٿا ڪن. ان ڳالهہ ۾ ڪنهن حد تائين ڪٽي صداقت هجي بہ سهي پر ان ۾ بہ تہ واپڊا جا ملازم ملوث هوندا آهن. جيڪي ماڻهن کي قانوني ڪنيڪشن ڏيڻ بدران هر مهيني دش ڪش وٺي ڪنڊا ڪنيڪشن تي هيرائيندا آهن. ان ڪري ماڻهن تي ڏوهہ ڏيڻ بدران واپڊا وارن کي پنهنجو نظام درست ڪرڻ گهرجي.



سخت گرمي هجي يا سردي بجلي استعمال ڪرڻ ماڻهن جو ملڪ جي شهريءَ طور حق آهي، ٿورو ناهي، جيڪو جتايو ٿو وڃي.

ٻيو پهلو اهو بہ آهي تہ واپڊا جي بجلي تمام مهانگي آهي، ڳرا بل اچن ٿا جيڪي ماڻهن جي آمدني کان مٿي هجن ٿا. ان ڪري غريب ماڻهن لاءِ بل ڀرڻ بہ مشڪل هجي ٿو. مٿان وري واپڊا ۽ ڪي اليڪٽرڪ وارن جي سسٽم جي خرابي سبب ڊٻڪشن بل بہ ماڻهن لاءِ مٿي جو سور هوندا آهن.

سنڌ حڪومت صوبي جي ماڻهن سان واپڊا جي ڏاڍاين خلاف لڳاتار دانهيندي رهي آهي. گڏوگڏ پنهنجي صوبي جي غريب ماڻهن جون زندگيون سهل بڻائڻ لاءِ بہ ڪوشان رهي آهي. ان سلسلي ۾ رٿابنديون بہ ٿينديون رهيون آهن. هاڻي ان حوالي سان عملي ڪم جي شروعات ٿي چڪي آهي. خاص طور تي سج مان بجلي پيدا ڪرڻ واري منصوبي جي شروعات ڪرڻ هڪ شاندار ڪم آهي. ان منصوبي جي عمل ۾ اچڻ سان جتي غريب ماڻهن جي پئسن واري بجلي مان جان ڇٽندي اُتي ساليانو 500 ملين روپيين جي بجلي بلن جي مد ۾ بچت پڻ ٿيندي.

تازو ٿي سنڌ انرجي ڊپارٽمينٽ طرفان وڏي وزير مراد علي شاھ جي موجودگي ۾ عالمي بئنڪ جي سهڪار سان 105 ملين ڊالرز جي سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ جي سلسلي ۾ خانگي فرمن سان هڪ معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون.

سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ جي افتتاحي تقريب ۾ سنڌ جي چيف سيڪريٽري ممتاز علي شاھ، انرجي جي صوبائي وزير



امتياز شيخ، صوبائي وزير سعيد غني، بئريسٽر مرتضيٰ وهاب، عالمي بئنڪ جي انرجي اسپيشلسٽ مسٽر اوليور ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي.

ان موقعي تي توانائي جي صوبائي وزير امتياز احمد شيخ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ لاءِ ورلڊ بئنڪ پاران 100 ملين ڊالرز ڏنا پيا وڃن، جڏهن تہ سنڌ جي صوبائي حڪومت انهي منصوبي لاءِ 5 ملين ڊالرز مهيا ڪندي. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ لاءِ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر مقرر ٿي چڪو آهي، جنهن پرائيويٽ فرمن وسيلي منصوبي تي عمل درآمد جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي. ڪي اليڪٽرڪ، حيسڪو ۽ سيپڪو پڻ ان منصوبي ۾ مددگار هونديون.

سنڌ سولر انرجي منصوبي جي سلسلي ۾ ڄامشوري ضلعي جي شهر مانجهند ۾ 400 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪندڙ سولر پارڪ قائم ڪيو ويندو، جنهن تي 40 ملين ڊالرز خرچ ايندو. مانجهند جيئن تہ ٻهراڙي وارو علائقو آهي ۽ اُتي گرمي پد بہ تمام گهڻو رهندو آهي ان لحاظ کان انهي قائم ٿيندڙ سولر انرجي پارڪ مان آسپاس جي ڪيترن ئي ڳوٺن کي فائدو ٿي سگهندو ڇو تہ اڄ بہ مانجهند جي آسپاس ڪيترائي اهڙا ڳوٺ آهن جيڪي بجلي جهڙي سهولت کان محروم آهن. ايئن اونداهي ۾ گهاريندڙ اُهي ڳوٺ سولر انرجي تي روشن ٿي ويندا.

ان ڪانسواءِ ان منصوبي جي سلسلي ۾ سنڌ حڪومت 20 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي سرڪاري عمارتن جي ڇتين تي سولر سسٽم هنيو ويندو، جنهن تي 25 ملين ڊالرز جي لاڳت ايندي. اهو



ٻہ ممڪن آهي تہ سرڪاري آفيسن کي مڪمل طور تي سولر سسٽم تي منتقل ڪيو وڃي، ان سان سرڪاري ادارن کي بجلي بلن جي مد ۾ تمام وڏي بچت ٿي سگهي ٿي.

سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ جي سلسلي ۾ سنڌ حڪومت طرفان ٽيون مرحلو ڏورانهن ڀهراڙي جي ڳوٺن کي سولر تي روشن ڪرڻ آهي، جنهن تحت سنڌ جي 10 ضلعن ۾ سولر پارڪ قائم ڪري ڀهراڙي جي ڳوٺن ۾ ٻہ لک سولر هوم سسٽم هنيا ويندا، جنهن تي ملين ڊالرز خرچ ايندو. انهي رٿا هيٺ اهڙن ڳوٺن جي چونڊ ڪئي ويندي جيڪي بجلي جي پهچ کان ٻاهر پري آهن. انهي منصوبي هيٺ ٻہ لک گهرن کي سولر وسيلي بجلي مهيا ڪئي ويندي.

سج جي روشني مان بجلي حاصل ڪري سنڌ کي روشن ڪرڻ واري انهي منصوبي جي حوالي سان سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهہ، توانائي جي صوبائي وزير امتياز احمد شيخ کي هدايتون پڻ جاري ڪري ڇڏيون آهن تہ 2 لک گهرن کي سولر وسيلي بجلي مهيا ڪرڻ بابت سولر پارڪ قائم ڪرڻ، هلائڻ ۽ ان جي سار سنڀال لهڻ خاطر خانگي فرمن سان معاهدا ڪيا وڃن.

ٻئي طرف توانائي واري صوبائي وزير امتياز احمد شيخ جو اهو چوڻ هو تہ سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ ورلڊ بئنڪ جي ڏنل گائيڊ لائنز هيٺ فرمن کي ٺيڪا ڏيڻ لاءِ ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي. سرڪاري عمارتن جي ڇتين تي سولر سسٽم هڻڻ لاءِ ترت سروي جو ڪم پڻ شروع ڪيو ويندو. جڏهن تہ گرڊ اسٽيشنن کان ڏورانهن سنڌ جي 10 ضلعن جي سروي جو ڪم پڻ جلد شروع ٿيندو. گرڊ اسٽيشنن جي پهچ ۾ ايندڙ ڳوٺن جي پڻ سروي ڪئي ويندي.

سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ جي افتتاحي تقريب ۽ معاهدي تي صحيحن جي موقعي تي سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهہ، ورلڊ بئنڪ مشن ۽ اعليٰ سرڪاري عملدار پڻ موجود هئا.

حقيقت ۾ سنڌ حڪومت جو سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ سنڌ کي روشن ڪرڻ جي خواب جي ساڀيان آهي. اميد تہ سنڌ سرڪار ان سلسلي ۾ ڪامورن جي روايتي سستي کي چستي ۾ تبديل ڪري ان منصوبي تي ترت عملدرآمد يقيني بڻائيندي ڇو تہ اهو منصوبو غريب ماڻهن لاءِ ڪنهن وڏي نعمت کان گهٽ نہ هوندو.

ماهوار
پيغام
ڪراچي
فيبروري 2023ع

# سنڌ ۾ عوام لاءِ جديد سفري سهولتن جي شروعات

**طارق احمد**

عوام کي اٿي، لٿي ۽ اڃهي جي نعري تي عمل پيرا پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت عوامي خدمت جا نوان مثال قائم ڪندي صوبي ۾ زبردست منصوبا شروع ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪوشان نظر ايندي آهي. انهيءَ جو تازو مثال سنڌ جي وڏن شهرن ۾ عوام کي بهترين سفري سهولتون مهيا ڪرڻ آهي، جنهن ڪري عام ماڻهو روزانو پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ آرامده سفري سهولتن مان مستفيد ٿي رهيو آهي.

پيپلزپارٽي حڪومت سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ شهرين کي ٽرانسپورٽ جي درپيش مسئلن کي وڏي عرصي کان اهم مسئلي طور ڏٺو ان ڪارڻ ئي اهم فيصلا ڪيا پيا وڃن، هڪ ته ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽ جي لحاظ کان روايتي خانگي ٽرانسپورٽ مافيا جي هڪ هٽي هجڻ به پبلڪ لاءِ مٿي جو سور آهي. ڇو ته اهي پاڙا به پنهنجي مرضيءَ جا ٿا وٺن ته روٽ تي اسٽاپ به پنهنجي مرضيءَ سان ٿا ڪن، جنهن ڪري مسافرن جي پريشاني هڪ فطري عمل آهي.

پوري دنيا جي وڏن يعني ميٽروپوليٽن شهرن ۾ ڊيوٽين توڙي مارڪيٽن ڏانهن وڃڻ لاءِ ٽرينن يا آرامده بسن ۾ سفر ڪيو ويندو آهي، ان سان هڪ ته ماڻهن جو خرچ ۽ وقت بچي ٿو. ٻيو ماحولياتي گدلاڻ کان به شهر محفوظ رهن ٿا. جڏهن ته ٽريفڪ جام ٿيڻ جو مسئلو به سولائي سان حل ٿي وڃي ٿو. ان جي ابتڙ پاڪستان ۾ هر ماڻهو لڳ ڀڳ پنهنجي پرائيويٽ سواري يعني ڪار يا موٽرسائيڪل تي سفر ڪري ٿو جنهن سان هڪ ته سندن خرچ وڌي وڃي ٿو گهر جي بجيٽ آئوٽ ٿي وڃي ٿي، ماحولياتي گدلاڻ جو مسئلو الڳ پئدا ٿئي ٿو ۽ ٽريفڪ جام ٿيڻ به معمول بڻيل هجي ٿو اهي مسئلا خاص طور ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر جهڙن وڏن شهرن ۾ عام آهن.

سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آبادي سبب سفري سهولتن جون ڏکيائيون هڪ فطري عمل





آهي جنهن کي شهري وڏي عرصي کان پيو ڳي رهيا هئا. ان ڪان سواءِ روڊن تي هلندڙ پراڻين، ڪٽارا بسن ۾ ماڻهن جو سفر انتهائي ڏکيو ٿي پيو هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سنڌ حڪومت مسلسل ڪوشش ۾ رڌل رهي ته ڪراچي جي شهرين کي سفري سهولتون بهتر ڪري ڏنيون وڃن. ان لحاظ کان شهر ۾ شروع ٿيل پيپلز بس سروس پڻ ان جو عملي مثال آهي.

ڪراچي جي لوڪل ٽرانسپورٽ ۾ عام طور اهو پڻ ڏٺو ويو آهي ته خانگي ٽرانسپورٽر مني بسون، چنگچي، اوور لوڊ ڪري پرين ٿا. گهڻا مسافر ڪٽڻ سبب ڪيترائي حادثا پڻ ٿي چڪا آهن، جن ۾ ڪيترين ئي انساني جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن.

غور ڪجي ته سنڌ حڪومت طرفان ڪراچي جي شهرين لاءِ شروع ڪيل بي آر ٽي ريڊ لائين منصوبو هڪ انقلابي منصوبو آهي، ان جي تڪميل ڪانپوءِ ماڻهو پنهنجي خانگي سوارين ۾ شهر ڏانهن اچڻ بدران آرامده بسن ۾ سفر ڪرڻ کي ترجيح ڏيندا. ڇو ته ان سان هڪ ته انهن جو تمام گهڻو خرچ بچندو پيو ته اُهي اضافي تڪليف کان به بچي پوندا.

پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت طرفان شروع ڪيل بي آر ٽي ريڊ لائين پراجيڪٽ ڪراچي لاءِ گيم چينجر منصوبي جو درجو رکي ٿو. انهي پراجيڪٽ وسيلي ماڊل ڪالوني، ملير ڪينٽ، صفوران چورنگي، يونيورسٽي روڊ، سوڪ سينٽر، جيل چورنگي ۽ آسپاس جي علائقن جي مسافرن کي نمائش چورنگي تي گرين لائين سان جوڙيو ويندو.

رٿا مطابق پراجيڪٽ جو روٽ ون ماڊل ڪالوني ٽئنڪ چوڪ کان موسميات تائين آهي. ملير هالٽ تي بس ڊپو جي اڏاوت لاءِ زمين جو ڪنٽرول حوالي ڪيو ويو آهي، ٽيپو سلطان ۽ ريس ڪورس بس اسٽيشنز جي تعمير جي به شروعات ٿي چڪي آهي. روٽ ون ۾ ٽيپو سلطان انڊر پاس ۽ ريس ڪورس انڊر پاس جي تعمير جو ڪم پڻ شروع ڪيو ويو آهي، موسميات کان نمائش چورنگي تائين روٽ ٽو ۾ اين اي ڊي يونيورسٽي، ڪراچي يونيورسٽي ۽ شيخ زيد بس اسٽيشن جي تعمير جو ڪم هلندڙ آهي.

ڪراچي ۾ بي آر ٽي ريڊ لائين منصوبي کي سنڌ حڪومت انتهائي سنجيدگيءَ سان اڳتي وڌائي رهي آهي. تازو ئي سڌ سماءَ ۽ ٽرانسپورٽ جي صوبائي وزير، چيئرمين ٽرانس ڪراچي بورڊ آف ڊائريڪٽرز شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت ۾ ان سلسلي ۾ بورڊ جو 20 هون اهم اجلاس پڻ ٿيو. اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ عبدالحليم شيخ، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي ڪيپٽن (رٽائرڊ) الطاف حسين ساريو، سي اي او ٽرانس ڪراچي واصف جلال، شمائل سڪندر، رخسانه راهوجا، محمد اقبال لالاڻي ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس



۾ بورڊ جو ساليانو اجلاس 13 نومبر تي گهرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اجلاس ۾ بي آر ٽي ريڊ لائن منصوبي جي هلندڙ ترقياتي ڪمن جو جائزو پڻ ورتو ويو. ان موقعي تي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ ۽ ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي کي پراجيڪٽ جي روٽ تي يوٽيلٽي انسٽاليشن جي منتقلي جي حوالي سان لاڳاپيل ادارن سان روزاني بنياد تي رابطو ڪرڻ ۽ رپورٽ ڏيڻ جي پڻ هدايت ڪئي.

سُڏ سماءَ ۾ ٽرانسپورٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ بي آر ٽي ريڊ لائن منصوبي بابت ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي تہ ڪراچي جي شهرين کي ٽرانسپورٽ جون جديد ۽ آرامده سهولتون مهيا ڪيون وڃن. بي آر ٽي ريڊ لائين پراجيڪٽ جي وقت سر تڪميل يقيني بڻائڻ لاءِ سموريون رڪاوٽون دور ڪيون وينديون. رپورٽن موجب سنڌ حڪومت بي آر ٽي ريڊ لائن منصوبي خاطر بايو گئس پلانٽ جي تعمير لاءِ لانڍيءَ ۾ زمين پڻ ٽرانس ڪراچي حوالي ڪري ڇڏي آهي. ان سلسلي ۾ گيس پلانٽ جي تعمير جو ترت ٽينڊر پڻ جاري ٿيڻ جا اطلاع آهن.

سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽ جا اهڙا جديد منصوبا آڳاٽو شروع ٿيڻ گهرجن ها پر هاڻي بہ دير آيد درست آيد جي مصداق صحيح رخ ۾ سفر شروع ٿي چڪو آهي. سنڌ حڪومت جون ان سلسلي ۾ ڪوششون ۽ ڪاوشون نهايت قابل تعريف آهن.

وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ پڻ بي آر ٽي ريڊ لائن منصوبي کي ڪراچي جي شهرين لاءِ جديد سفري سهولتن جي حوالي سان انقلابي منصوبو قرار ڏنو آهي، سندس چوڻ آهي تہ بي آر ٽي ريڊ لائين منصوبي جو آغاز ٿي چڪو آهي، جيڪو ترت تڪميل کي پهچندو. ان جي تڪميل سان ڪراچي جا شهر جديد سهولتن سان آرامده سفر ڪري سگهندا. حقيقت ۾ سنڌ جي راڄڌاني ۾ گرين بس سروس، پيپلز بس سروس ۽ بي آر ٽي ريڊ لائين جا منصوبا سنڌ حڪومت طرفان ڪراچي جي عوام لاءِ زبردست تحفو آهن، اهڙا ئي جديد سفري سهولتن جا منصوبا سنڌ جي ٻين وڏن شهرن ۾ بہ شروع ڪرڻ وقت جي تقاضا آهي.

# ڪشمير جي تاريخي حيثيت

**امام ڏنو**

ڪشمير سرسبز ۽ شاداب وادين، ٽڪرين، جبلن ۽ ندين جي سهڻي سرزمين آهي هيءُ ڏکڻ ايشيا جو اهم تاريخي خطو آهي جيڪو 224.788 تي پکڙيل آهي جنهن جو هڪ حصو 101.387 هندستان ۽ 85846 چورس ڪلوميٽر پاڪستان وٽ آهي، جڏهن ته 37.555 چورس ڪلوميٽر چائنا وٽ آهي. هي سمورا علائقا جاگرافيائي طور تي هڪ ئي ڏرتي ڪشمير جا آهن. ڪشمير جي آبادي 2011ع مطابق 12541312 آهي جن مان لڳ ڀڳ 9567000 ڪشميري زبان ڳالهائيندڙ ڪشميرين جي آهي. آزاد ڪشمير ۽ جمون ڪشمير ۾ جيتوڻيڪ ڪيترين ئي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون جهڙوڪ ڪشميري، گوجري، لداخي، ڊوگري، دري، بلتي ۽ پنجابي وغيره پر سڀني ٻولين ۾ ڪشميري ٻولي جي اهميت تمام وڏي آهي، چاڪاڻ ته ڪشميري ٻولي اتان جي مادري ٻولي آهي، جيڪا عام طور تي سڀ ڪشميري ننڍا توڙي وڏا ڳالهائيندا آهن. ڪشميري ٻولي جي تاريخ 5000 سال پراڻي آهي، تنهن ڪري ڪشميري قوم جي تهذيب جو ڪاتو ڪافي پراڻو سمجهيو وڃي ٿو جنهن جا عملي ثبوت 2000 سال پراڻا آهن. ڪشميري زبان ۾ هندي، گرمڪي، افغاني، مغليائي ۽ ڊوگري خاص طور تي ايراني ٻولي جا لفظ وقت جي گردش سان شامل ٿيندا رهيا آهن. اهڙي ريت





هن جي رسم الخط تبديل ٿيندي رهي آهي. تاريخي لحاظ کان ڪشميري زبان جو علم ادب هڪ منفرد حيثيت رکي ٿو.

1947ع جي ورهاڱي کانپوءِ ڪشميري قوم ۽ ان جي حيثيت کي وڏو ڇيهو رسيو. ان ڪري جو ورهاڱي وقت آبادي جي تناسب سبب ڪشميري قوم کي 3 حصا بڻايو ويو: هڪ ڄمون (انڊيا) ۾ ۽ ٻيو آزاد ڪشمير پاڪستان ۾ ۽ ٽيون (چائنا) ۾. تنهن ڪري ڪشمير جي 5000 سال پراڻي تاريخي حيثيت کي تمام گهڻو نقصان رسيو ڪشمير جي ڌرتي خدا جي نعمتن سان مالا مال ندين ۽ دريائن واري حسين واديءَ طور سڃاتي وڃي ٿي. اهڙي حسين ڌرتيءَ تي 73 سالن کان هڪ جابر ۽ ظالم رياست ظلم جا پهاڙ ڪيرائي ڪشمير جي تاريخي حيثيت کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪشميرين کي ڪشمير جي تاريخي ڌرتيءَ تان مٽائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل ظالم هندستاني فوجي ڪشمير ۾ ڪرفيو لڳائي اتان جي عوام کي پنهنجي ڌرتي تان بيدخل ڪيو پيو وڃي.

5 آگسٽ 2019ع تي ڀارت پاران والاريل ڪشمير رياست جي خودمختياري بابت پنهنجي آئين ۾ شامل شقن 370 ۽ A35 جي خاتمي واري ڪڌي عمل جي ڪشميرين توڙي پاڪستان ۽ دنيا ۾ رهندڙ ترقي پسند ڌرين سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ ان جي خاتمي لاءِ پوري دنيا جهڙوڪ او آءِ سي ۾ شامل ملڪن ۽ گڏيل قومن ۾ آواز اٿاريو ۽ ڪشمير جي ذاتي حيثيت ۾ دخل اندازي جي مخالفت ڪئي ۽ پاڪستاني آواز جي حمايت به ڪئي. اهڙي ريت سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پڻ ڪشميرين تي ظلمن جي سخت مخالفت ڪئي ۽ ڪشمير جي رياستي حيثيت کي بحال ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي ۽ عالمي برادري تي زور ڀريو ته ڪشمير کي ڀارتي چنبي مان آزاد ڪرائي ڪشميري عوام کي حق ڏيارِيا وڃن. هونئن به هر فورم تي موجوده سنڌ حڪومت ڪشميرين جي آزادي جي ڳالهه ڪئي آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان ويندي محترمه بينظير ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري يا موجوده پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري سميت پوري پاڪستاني قيادت ڪشميرين جي تاريخي حيثيت ۽ آزادي لاءِ آواز اٿاريو آهي ۽ ڪشميري قوم سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا آهن. انشاءَالله ڪشميري آزادي وٺي پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ دنيا جي نقشي تي هڪ آزاد قوم ٿي جيئندا. آمين

# سنڌ لينڊ ايلينيئشن بل بابت سنڌ قانونساز اسيمبليءَ جي ڪارروائي

(تاريخي دستاويز)

(حصو ٻيون)

سنڌيڪار: عبدالستار بلوچ

[سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ 15 مارچ 1943ع تي سنڌ لينڊ ايلينيئشن بل بابت جيڪو بحث ڪيو ويو، ان جي ٻي قسط هيٺ پيش ڪجي ٿي.]

**اسپيڪر:** جيستائين آخري نڪتي تي آخري دليل جو تعلق آهي ته محترم وزير چٽي نموني چيو آهي ته هن آڏي پڇا ۾ انهي سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ڪا به تياري نه ڪئي آهي. هڪ قانوندان يا آئيني ماهر طور هو سمجهي سگهي ٿو ته جيڪڏهن ڪا ترميم بل جي دائري کان ٻاهر هوندي ته اها منظورنٿي ٿي سگهي. هو اهڙي ترميم ٻي پڙهڻيءَ جي موقعي تي آڻي سگهي ٿو. فرض ڪجي ته چونڊ ڪاميٽي آڏو اهڙي ڪا ترميم اچي ٿي ته هو هڪ پوائنٽ آف آرڊر وسيلي چئي سگهي ٿو ته اها بل جي دائره ڪار کان ٻاهر آهي. ان مهل آئون رولنگ ڏيئي سگهان ٿو ۽ پوءِ جنهن ڪي جيڪي وڻي سو ڪري. تنهن ڪري اهڙو سوال نه اٿاريو. هنن کي ڇڏيو ته پيلي بل جي ڪاٽ ڳوٺ ڪن. وزير صاحب کي ترميم بابت رٿ آڻڻ جو اختيار مليل آهي ۽ جيڪڏهن هو چونڊ ڪاميٽيءَ جو ميمبر بڻجي ٿو ته ڪنهن به وقت ڪا به ترميم آڻي ۽ اسپيڪر کي رولنگ ڏيڻ لاءِ چئي سگهي ٿو.



اسان کي اُڀري قانونسازيءَ جي قطعي اجازت نہ ڏيڻ گهرجي، خاص طور جڏهن اها بنهہ اهميت جوڳي هجي. آئون معزز وزير صاحب سان بلڪل سهمت آهيان تہ هيءَ هڪ بنهہ اهم قانونسازي آهي ۽ انهيءَ ۾ نهايت پيچيده مامرا شامل آهن جيڪي سنجيده غور جا گُهرجائو آهن. مون کي محترم روينيو وزير ۽ هن ايوان جي اڳواڻ واتان اهو ٻڌي گهڻي سرهائي ٿي آهي تہ ڀرين پڙهڻي ڪانپوءِ بل کي سرڪوليٽ ڪرڻ جي رٿ آندي ويندي، ايئن هن ايوان جي معزز ميمبرن کي وقت ملي ويندو ۽ ان ڪانپوءِ ٻئي مرحلي ۾ چونڊ ڪاميٽي انهيءَ تي غور ڪندي ۽ پڇاڙيءَ ۾ هڪ رٿ وسيلي بل منظوريءَ لاءِ پيش ڪيو ويندو. آئون انهي سوال ۾ وڃڻ نٿو گهران تہ هيءَ بل رڳو هڪ طبقي تي اثرانداز ٿيندو يا هيءَ طبقاتي قانونسازي آهي يا نہ. جو تہ اهو سوال منهنجي مقصد سان اڻ لاڳاپيل آهي. بيشڪ هيءَ هڪ اهم نُڪتو آهي جيڪو مڪمل غور جو گهرجائو آهي. حقيقت جي تناظر ۾ ڀرين پڙهڻيءَ ڪانپوءِ محترم وزير صاحب ايوان جي رضامنديءَ سان ٻي پڙهڻي مهل وڌيڪ سهولتون ڏيڻ ۽ هر قسم جي ترميم پيش ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ ڏانهن وڃي رهيو آهي، منهنجي خيال ۾ محدود مدت طور اهو نوٽيس ڪافي آهي. تنهن ڪري رول نمبر: 150 هيٺ پنهنجي اختيار کي ڪتب آڻيندي آئون هن ئي وقت رٿ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏيان ٿو.

خانبهادر محمد ايوب کهڙو: منهنجي خيال ۾، سائين، هيءَ معزز ايوان مون کان ڪجهہ وضاحتون لهڻي ٿو ۽ آئون ان بابت چٽي نموني سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو تہ نيٺ هن قسم جي قانونسازيءَ جي ضرورت ڇو محسوس ٿي. ڀهرئين حملي طور اهو الزام مڙهيو ويو تہ هيءَ بل هڪ متڀيد تي ٻڌل قانونسازي آهي. اها ڳالهہ بلڪل غلط آهي، هيءَ بل صوبي جي زراعت پيشہ ماڻهن جي بچاءَ واسطي آهي، جيئن مون نشاندهي ڪئي، سائين، تہ ڪو بہ ماڻهو آبادگار (ايگريڪلچرسٽ) ٿي سگهي ٿو. ڀلي هُو کهڙي بہ مذهب سان، کهڙي بہ طبقي سان يا کهڙي بہ ڌُر سان سلهاڙيل هجي. بمبئي سرڪار هن صوبي لاءِ اهڙو ڪو قانون لاڳو نہ ڪيو آهي جيڪو گهڻو اڳ ڪرڻ گهرجي ها جيڪڏهن سنڌ پنجاب سان ڳنڍيل هجي ها. هاڻي پنجاب جي ڀيٽ ۾ سنڌ جي آبادگارن جي حيثيت گهڻي سڃاڻپ واري ٿي چڪي آهي. اسان هڪ ئي درياهہ يعني سنڌو تي ڀاڙيندڙ آهيون ۽ پنجاب جي خوشحاليءَ جو ڪارڻ بہ اهو ئي آهي. پر حقيقت هيءَ آهي تہ اسان هن قسم جو قانون آڻڻ ۾ پنجاب کان 42 يا 43 سال پوئتي آهيون. جڏهن 1925ع ۾ بمبئيءَ ۾ ٻٽي حاڪميت (Diarchy) وارو قانون متعارف ڪرايو ويو ۽ جنهن کان تڪڙو پوءِ سنڌ کي نمائندگي ملي تہ اسان ان وقت ان ڳالهہ تي زور ڏنو هو تہ اهڙو قانون سنڌ ۾ بہ متعارف ڪرايو وڃي. بمبئي سرڪار مسٽر ڊائو کي، جيڪو هاڻي هيو ڊائو جي نالي سان سنڌ جي گورنر طور ڄاتو وڃي ٿو، پنجاب ۾ حالتن جو اڀياس ڪري هڪ رپورٽ ٺاهڻ لاءِ مقرر ڪيو. هن بمبئي سرڪار کي هڪ رپورٽ ٺاهي ڏني، جنهن جي آڌار تي مسٽر ڪورنتن کي صوبي لاءِ هڪ بل تيار ڪرڻ جو چيو ويو 1927_28ع ۾ هن سنڌ ۾ مڪمل اڀياس ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ پنهنجي رپورٽ مرتب ڪئي. هن انهن سڀني اعتراضن ۽ دليلن جا جواب ڏنا جيڪي زراعتي تحفظ جي مخالفت ۾ وياج خور شاهوڪارن ۽ ٻين مختلف مفاد پرستن پاران ڪيا ويا هئا. اهو سڀ ڪجهہ سنڌس رپورٽ ۾ شامل هو ۽ ان ڪانپوءِ بل جو مسودو تيار ڪيو ويو ۽ اسان چيو تہ اهو بل متعارف ڪرائڻ گهرجي. پر سائين، اتي منفي لاڙا رکندڙ عنصرن جي گهڻائي هئي جن نٿي چاهيو تہ اهو بل منظور ٿئي ۽ نيٺ اهي بمبئي سرڪار تي دٻاءُ وجهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ايستائين جو ڳالهہ اتي پهتي جو ڪمشنر هڊسن کي 1929ع ۾ اهو بل سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ ڇاپڻ لاءِ چيو ويو ۽ جنهن مهل اهو پريس ۾ وڃي رهيو هو تہ هڪ تار وسيلي انهيءَ تان هٿ ڪڻڻ جو حڪم مليو. 1934ع ۾ بمبئي ڪائونسل کي هڪ ڌيان ڇڪايو نوٽيس اُماڻيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ڪئين انڪوائريون ٿيون. ان ڪانپوءِ بمبئي سرڪار اهو چيو تہ جيئن تہ سنڌ بمبئيءَ کان الڳ ٿيڻ ڏانهن وڃي پئي، تنهن ڪري هيءَ مامرو اتي (يعني سنڌ اسيمبلي ۾) رکيو وڃي. 1937ع ۾ جڏهن سنڌ بمبئيءَ کان الڳ ٿي چڪي هئي، سنڌ قانونساز اسيمبلي ۾ معزز ميمبر محمد هاشم گزدر مسٽر ڪورنتن جي رپورٽ جي آڌار تي بل پيش ڪرڻ ڏانهن ڌيان ڇڪايو ۽ شايد 1938ع جي شروعات ۾ اهو بل هتي آندو ويو جڏهن سر غلام حسين سنڌ صوبي جو وزيراعظم هو. پر ان تي عمل کان اڳ وزارت بدلجي ويئي ۽ بل انهي پوائنٽ آف آرڊر هيٺ دٻجي ويو تہ اهو گورنر صاحب وٽان اڳواٽ منظوري ورتل نہ هو. انهيءَ مان پتو پوي ٿو تہ اسان، جيڪي هن صوبي جي آبادگارن جا نمائندا سڏجون ٿا، هن قسم جي قانونسازيءَ ۾



پنهنجو ڪردار ڪيئن ادا ڪيو. پر بعد ۾ سنڌ ۾ صوبائي سرڪار جي تبديليءَ ڪانپوءِ هن قسم جي قانون بابت جيڪو هاڪاري ڪردار ادا ڪيو ويو تنهن ۾ معزز ميمبر نهچلداس ذري جيترو به حصو نه ورتو.

هڪ موقعي تي اها تجويز آڏو آئي، جنهن لاءِ سيني ڪان وڏ ذميوار مسٽر نهچلداس هو، ته هن قسم جو قانون فقط انهن ننڍن ڪاتيدارن لاءِ آندو وڃي جيڪي 32 ڪان 64 ايڪڙن تائين زمين رکندڙ آهن ۽ اهو فقط مسلمانن تي لاڳو ڪرڻ گهرجي. هڪ اهڙو قانون، جنهن ڪي هن وقت معزز ميمبر پنهنجي طرفان طبقاتي قانونسازي سڏي رهيو آهي، اهو فقط مسلمانن لاءِ آندو پئي ويو. آءٌ نٿو چاهيان ته رڳو مسلمانن ڪي هن مان فائدو ملي پر منهنجي خواهش آهي ته صوبي جي سيني ننڍن ڪاتيدارن ڪي لاڀ ملڻ گهرجي، چاهي اهي مسلمان هجن يا هندو، يهودي هجن يا عيسائي، يا اجا به ڪنهن ٻي مذهبي ڌر سان لاڳاپيل هجن.

ان ڪانپوءِ سائين، مون هڪ وک اڳيري ڪنئي. آئون صاف نموني چوان ٿو ته منهنجو هيءُ بل ٿورو گهٽو سرچاءُ وارو آهي. اهو هڪ مثالي بل ڪونهي، جيئن مون شروع ۾ چيو ۽ ٻيهر ورجايان ٿو ته جيڪڏهن مون ڪي بل آڻڻ ۾ بنهه آزاد ڇڏيو وڃي ها ته شايد آئون هڪ اهڙو سگهارو بل پيش ڪريان ها جيڪو مسٽر ڪورنٽن جي رپورٽ مطابق هوبهو هجي ها. مون هن بل ۾ تي مختلف ڌُريون ڇاڻايون آهن جن مان هڪ ڌُر ننڍا ڪاتيدار آهن. اِهي اُهي ڪاتيدار آهن جن ڪي بنهه مجبوريءَ واري حالت ڪانسواءِ پنهنجي زمين وڪرو ڪرڻ جو حق ڪونهي ۽ ان لاءِ به اهي ڪليڪٽر جي اجازت جا محتاج آهن. ان ڪانپوءِ اهي ڪاتيدار اچن ٿا جيڪي ٻئراجي زمين جا هڪ هزار ايڪڙ ۽ باراني زمين جا ٻه هزار ايڪڙ رکندڙ آهن. هنن ڪي زراعت پيشه آبادگار يا وچئين درجي جا زميندار سڏيو وڃي ٿو. ان ڪانپوءِ وڏن زميندارن ۽ جاگيردارن جو وارو اچي ٿو جن ڪي هن قانونسازيءَ ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي، جنهن جو سبب مخالف ڌر خاص طور هندو ميمبرن، پاران اٿاريل اهو عام اعتراض آهي ته ”آخر سرڪار انهن ڪي تحفظ ڇو پئي ڏئي جن وٽ هزارين ايڪڙ زمين آهي، جيڪي پنهنجين زمينن جي سار سنڀال جي لائق ئي ناهن ۽ غائب زميندار آهن.“ مون انهن ڇڳن مڙسن ڪي ڪو تحفظ نه ڏنو آهي جيتوڻيڪ ذاتي طور تي منهنجي خواهش اها ئي آهي، ڇو

ته آئون انهن ماڻهن مان ناهيان جيڪي محسوس ڪن ٿا ته سرڪار کي رڳو ننڍن ڪاتيدارن ۽ ننڍن هارين کي تحفظ ڏيڻ گهرجي. آئون هڪ طبقي طور آبادگارن سان گڏ بيٺل آهيان ۽ منهنجي ذاتي خواهش آهي ته مڙني کي تحفظ ملڻ گهرجي. هاڻي جيئن ته هيءُ بل پنجن ڇهن سالن دوران مختلف تبديلين مان گذري هتي پهتو آهي ته ان وقت سنڌ ۾ صوبائي خودمختياري به عمل هيٺ اچي رهي آهي، نيٺ مون هڪ اهڙو قانون آندو آهي جيڪو هن وقت ايوان آڏو آهي ۽ ان لاءِ آئون معزز ايوان جو ٿورائتو آهيان. هيءُ پهريون موقعو آهي جو هيءُ بل، جيڪو ڪئين سالن کان التوا جو شڪار رهيو. نيٺ پڌري پٽ نروار ٿيو آهي.

هاڻي، سائين، سيني آبادگارن توڙي غير آبادگار طبقن، ڌرين ۽ ذاتين جي مفادن کي ڀرپور سهولت ملندي ۽ انهن کي سڌي نموني پنهنجو موقف پيش ڪرڻ ۽ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ملندو ۽ هيءُ بل مڪمل بحث مباحثي ۽ قانوني طور اڳيان اچڻ ڪانپوءِ هڪ قانون بڻجي ويندو.

سائين، معزز ميمبر اهو ڄاڻڻ چاهي ٿو ته هن بل بابت آئون ڪهڙيون ترميمون پيش ڪندس. آئون چئي چڪو آهيان ته لفظ "ايگريڪلچرسٽ" جي وصف اجا تائين اڻ چٽي آهي ۽ ان ۾ ترميم جي گنجائش آهي. تنهن ڪري آئون ڪنهن به اهڙي ترميم کي روڪڻ جي ڪوشش نه ڪندس جيڪا "ايگريڪلچرسٽ" جي وصف سان لاڳاپيل هوندي. اڄ معزز ميمبر جي ايم سيد پاران هڪ ترميم آئي جنهن ۾ چيو ويو ته "ايگريڪلچرسٽ" جو لفظ انهي ماڻهو لاءِ استعمال ڪيو وڃي جيڪو مڪمل يا بنيادي طور "زراعت" سان سلهاڙيل هجي. هاڻي اهي اهم لفظ انهي دستاويز مان گم آهن جيڪو مون کي اڄ هن معزز ايوان آڏو پيش ڪرڻو آهي، توهان ڀلي ڀت واقف آهيو سائين، ته هيءُ قانونسازي "دڪن ايگريڪلچرسٽ رليف ايڪٽ" جي تناظر ۾ آهي. آئون اهو ڏسڻ چاهيان ٿو ته اهي ڪهڙا خاص آبادگار آهن جن کي لاڀ ملندو. جيڪڏهن حقيقي آبادگار ئي لاڀ ماڻين ٿا ته منهنجي پاران ڪنهن به قسم جي روڪ رنڊڪ نه هوندي. البت اهو چٽو ڪرڻ چاهيان ٿو ته بل جي دائره ڪار کان ٻاهر ڪو به واڌو لاڀ نه هوندو.

**اسپيڪر:** انهي مامري تي بحث جي گنجائش ڪانهي.

**خانبهادر محمد ايوب کهڙو:** سائين، مخالف ڌر جو ميمبر اهو نُڪتو اُٿاري سگهي ٿو. منهنجو جواب اهو آهي ته مون بل جي شقن تي غور ڪيو آهي ۽ ان ۾ هڪ شق اها آهي ته آبادگارن کي تحفظ ملڻ گهرجي. هڪ نُڪتي ۾ آهي ته آبادگار پنهنجي زمين وڪرو ڪري نٿو سگهي ۽ وري ٻئي نُڪتي ۾ آهي ته هو فقط ڪنهن آبادگار کي وڪرو ڪري سگهي ٿو. اها ئي شق آهي جنهن کي آئون چٽو ڪرڻ ٿو چاهيان. انهي شق تحت آئون هر اها ترميم قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان جيڪا بل جي سڌاري ۽ ان کي اصل شڪل ۾ آڻڻ لاءِ هوندي. سائين، آئون هن ايوان جو گهڻو وقت وٺڻ نٿو گهران. ڇاڪاڻ ته معزز ميمبر ۽ سنڌ جو عوام انهيءَ ڳالهه کان چڱيءَ ريت باخبر آهي ته هيءُ بل/قانون گهڻي وقت کان گهربل هو. بدقسمتيءَ سان هيءُ بل سيشن جي بنهه پڇاڙيءَ ۾ آندو ويو آهي. هتي ڪجهه اهڙيون حالتون هيون جيڪي منهنجي ڪنٽرول کان ٻاهر هيون. نه ته منهنجي ڪوشش هئي ته هيءُ بل ممڪن حد تائين تڪڙو آندو وڃي. هن وقت هر معزز ميمبر پنهنجي تڪ ۾ وڃڻ لاءِ بيتاب آهي ۽ آئون کين وڌيڪ ترسائڻ نٿو چاهيان. تنهن ڪري آئون کين هر ممڪن سهولت ڏيندي اهي سڀئي ترميمون پيش ڪرڻ جي اجازت ڏيان ٿو جيڪي چونڊ ڪاميٽيءَ ۾ بحث هيٺ اچڻيون آهن. ان ڪانپوءِ سڀئي معزز ميمبر هن ايوان ۾ ٻيو ڀيرو بل پڙهڻ مهل پنهنجون ترميمون/تجويزون ڏيڻ جا اهل هوندا. ٻن مهينن جو وقت ان لاءِ ڏنو ويو آهي ته ان عرصي ۾ عوام هن قانون بابت ڄاڻي وٺندو جيڪو سرڪاري طور پڌرو ڪيو ويو آهي. عوام پاران جيڪي به ترميمون ضروري سمجهيون وينديون سي سندن نمائندن کي ملنديون ۽ اهي چونڊ ڪاميٽيءَ ۾ رکيون وينديون ۽ ان ڪانپوءِ هن ايوان جي فلور تي آينديون جڏهن هيءُ بل ٻيهر پڙهڻي لاءِ پيش ڪبو.

**اسپيڪر:** ڇا چونڊ ڪاميٽيءَ جي رپورٽ به پڌري ڪئي ويندي؟

**خانبهادر محمد ايوب کهڙو:** بلڪل، چونڊ ڪاميٽيءَ جي رپورٽ پڌري ڪبي. اها جون يا جولاءِ ۾ آڏو ايندي جڏهن هن ايوان جو ٻيو اجلاس ٿيندو ۽ ان ڪانپوءِ چونڊ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويندي. منهنجي خيال ۾ آئون مختصر لفظن ۾ پنهنجي پوزيشن بنهه واضح ڪري چڪو آهيان ۽ معزز ميمبرن کي هاڻي هن بل جي شروعاتي پڙهڻي جي منظوريءَ تي ڪو اعتراض نه هوندو. پهرين پڙهڻيءَ ڪانپوءِ آئون عوامي راءِ طلب ڪرڻ بابت هڪ رٿ پيش ڪندس.

**ڏيئل مل دولترام:** ڇا معزز وزير

صاحب مون کي زميندارن جو انگ ٻڌائي سگهندو ته ٻَراجي زمين جا 1000 ايڪڙ رکندڙ ڪيترا آهن ۽ باراني زمين جا 2000 ايڪڙ ڪيترن وٽ آهن؟

**خانبهادر محمد ايوب کهڙو:** مون وٽ هن وقت هڪيا انگ اکر ناهن. آئون سگهوئي ڪيس اهي مهيا ڪندس.

**نهچلداس وزيراڻي:** سائين، مون کي بل جي جوڙجڪ تي اعتراض آهي. ان ۾ ڪو به شڪ شبهو ڪونهي ته مون هميشه ننڍن ڪاتيدارن جي تحفظ جي ڳالهه ڪئي آهي جن کي اهڙي ضرورت آهي. ايستائين جو حيدرآباد دکن ۾ مسلمانن پاران، جيڪي مختلف ذاتين جهڙوڪ خواجه، بوهري وغيره سان سلهاڙيل هئا ۽ جيڪي فقط پنهنجي مفادن وٽان ڪم ڪندڙ ذاتيون آهن، هندن کي اڪيلو ڇڏيندي اتي لئنڊ ايلينيئيشن ائڪٽ منظور ڪيو ويو. هندن کي، جن ۾ پڻ ڪئين ذاتيون آهن ۽ جن کي ڪنهن تحفظ جي ضرورت ڪونهي، بلڪل تڙيو ويو.

سائين، هيءَ بل، جيئن آندو ويو آهي، آسانيءَ سان ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪ حصو تحفظ بابت آهي، جنهن بابت هن بل ۾ چيو ويو آهي ته 50 ايڪڙن کان گهٽ زمين رکندڙ ننڍو ڪاتيدار ڪليڪٽر جي منظوريءَ سان پنهنجي زمين وڪرو ڪري سگهندو. هاڻي بل ۾ فقط اهو ئي هڪڙو تحفظ ڏنل آهي ته هو پنهنجي زمين ڪليڪٽر جي اجازت کان سواءِ وڪرو نٿو ڪري سگهي. ڪنهن کي به انهي قانون تي اعتراض نٿو ٿي سگهي ۽ خود مون کي به ڪو اعتراض ڪونهي ۽ نه ئي ڪري سگهان ٿو. چو ته هيءَ تحفظ انهن ماڻهن لاءِ آهي جيڪي پاڻ پنهنجو خيال نٿا رکي سگهن. پر اهي ماڻهو جيڪي خود خيال آهن تن لاءِ هن قسم جو تحفظ رنڊڪ آهي. چو ته توهان ڄاڻو ٿا ته سنڌ ۾ اڄ ۾ ئي زمين ٻن ڪلاسن ۾ ورهايل آهي. هڪ پابند مُدي واري آهي ۽ ٻي مُدي کان آجي آهي. انهن ٻنهي ڪلاسن ۾ واحد فرق رڳو اهو آهي ته مُدي کان آجي زمين رکندڙ جڏهن به چاهي زمين وڪرو ڪري سگهي ٿو جڏهن ته پابند مُدي واري زمين رکندڙ ڪليڪٽر جي اجازت جو محتاج آهي. تنهن ڪري هن تحفظ جو مطلب اهو ٿيو ته اهي زمينون جيڪي مُدي کان آجپي جي بنياد تي زميندارن وٽ آهن تن کي پابند مُدي وارين زمينن طور سمجهيو ويندو. تنهن ڪري هن قسم جو تحفظ، جنهن کي آئون نام نهاد تحفظ چوندس، فقط ان صورت ۾ ڪارگر ٿي سگهي ٿو جڏهن تحفظ جي ضرورت هجي، يعني اهو فقط انهن ماڻهن لاءِ لاڀائتو آهي جن کي اهڙي تحفظ جي ضرورت آهي. محترم روينيو وزير چيو ته منهنجي تجويز اها هئي ته هندو آبادگار طبقي ۽ ننڍي هاريءَ کي ڇڏي باقي ٻين کي هن تحفظ جي ضرورت ڪونهي.

**اسپيڪر:** ڇا هن واقعي ايئن چيو؟

**نهچلداس وزيراڻي:** جي سائين، هن چيو ته آئون هيءَ متڀيد تي ٻڌل قانونسازي اڳيان آڻڻ چاهيان ٿو چو ته منهنجي خواهش آهي ته هي تحفظ ننڍن ڪاتيدارن کي ڏنو وڃي. شايد معزز ميمبر اهو نٿو ڄاڻي ته هتي هندو ۽ مسلمان وچ ۾ متڀيد جي ڪا ضرورت ڪانهي، ڇاڪاڻ ته جيڪي پابنديون هٽايون پيون وڃن سي انهي بنياد تي آهن. گهڻو ڪري نوابشاهه ضلعي جي ڪجهه مخصوص حصن



کي ڇڏي ڪري، جتي پڻ اهڙي ڪوشش ٿي رهي آهي. توهان ڄاڻو ٿا سائين، ته قبضي جي مُلهه جو 25 سيڪڙو آڻڻ سان پابندين کي هٽائڻ بابت خاص نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن. تنهن ڪري سائين، هن قسم جو تحفظ سينيءَ لاءِ هڪجهڙو تحفظ ڪونهي، انهيءَ جو مقصد زمين تي وڌيڪ پابندي وجهڻ آهي. سائين، هيءَ بل مون ئي آندو هو ۽ ان جو مقصد ننڍن آبادگارن کي تحفظ ڏيڻ هو ۽ ان وقت اهو سوال آڏو هو ته ننڍن ڪاتيدارن وٽ ڪيتري زمين هجڻ گهرجي. آئون ٻيهر ورجايان ٿو سائين، ته هن بل ۾ تحفظ سان گڏوگڏ پابندي به شامل آهي ۽ اهو فقط انهن تي لاڳو ٿيڻ گهرجي جن کي حقيقت ۾ انهيءَ جي گهرج آهي. تنهن ڪري منهنجي لاءِ اهو چوڻ ته آئون هن زرعي قانونسازيءَ جي خلاف آهيان، بلڪل غلط آهي. جيئن ٻن وزير صاحبن پاران هاڻي اهو چيو ويو ته مون ئي هيءَ بل ٺاهيو آهي، تنهن ڪري سائين، جيڪڏهن هيءَ بل ننڍن ڪاتيدارن لاءِ آندو وڃي ٿو ته مون کي ڪو به اعتراض ڪونهي. البت هيءَ قانون 200 ايڪڙ زمين رکندڙ هر زميندار تي لاڳو ٿيڻ گهرجي.

**اسپيڪر: باراني زمينن ۾؟**

نهچلداس وزيراڻي: ٻئراجي علائقن ۾ هڪ هزار ايڪڙ، سائين، ٻئراجي زمينن جا اهي هڪ هزار ايڪڙ لڳ ڀڳ هڪ لک رپين جي ماليت رکن ٿا. هڪ هزار ايڪڙ زمين رکندڙ شخص کي عام وچولو زميندار چئي نٿو سگهجي. ٻيو اهو ته بل ۾ اهڙي شق ڇو وڌي ويئي آهي. آئون توهان کي ٻڌايان ٿو ته ڇالاءِ! منهنجو مطلب آهي ته اهو هڪ ٽيون ڪيس آهي، يعني اهي جن وٽ ٻه هزار ايڪڙن کان وڌيڪ زمين آهي. پابنديءَ جو مطلب زمين جو مُلهه ڀاڙمرادو گهٽجڻ آهي. اهڙيون زمينون جيڪي پابند مُدي واريون آهن ۽ جيڪڏهن ڪو اهڙي زمين وڪرو ڪرڻ چاهي ته پابندي هٽرائڻ لاءِ ڪيس تپيدار کان وٺي ڊپٽي ڪليڪٽر تائين هڪ وڏي رقم ڏيڻي پوندي.

**محمد هاشم گزدر:** ۽ توهان انهي کي روڪڻ ٿا چاهيو.....

**نهچلداس وزيراڻي:** سوال هيءَ آهي ته ڇا توهان پابندي هٽرائڻ چاهيو ٿا يا پابنديءَ کان آجي زمين کي پابند ڪرڻ لاءِ اڳيرو ڪرڻ گهرو ٿا.

**محمد هاشم گزدر:** اهو ڏوڪڙن جو مامرو آهي....

**نهچلداس وزيراڻي:** معزز ميمبر کي مڃڻ گهرجي ته ننڍن ڪاتيدارن کي لاڀ ڏيڻ بدران اصل ۾ کين نقصان ڏنو پيو وڃي. اهو بل جو هڪ حصو آهي. هاڻي آئون انهي سوال تي اچان ٿو ته زميندارن کي انهيءَ ۾ ڇو رکيو ويو آهي. اصل ۾ انهن کي "ايگريڪلچرسٽ" جو نالو ڏنو ويو آهي. پر جيڪڏهن انهن کي زميندار سڏيو وڃي ته مون کي ڪو اعتراض ڪونهي. هاڻي آئون معزز ميمبر اڳيان پنجاب جو مثال رکان ٿو. اها هڪ پڌري حقيقت آهي ته پنجاب ۾ گهڻي قدر ننڍا ڪاتيدار آهن، اتي اسان وانگر وڏن زميندارن جو قسم ڪونهي.

**خانبهادر محمد ايوب کهڙو:** هُتي به ڪئين وڏا زميندار آهن.

**نهچلداس وزيراڻي:** ها ڪجهه آهن پر اهي سنڌ جيان ناهن جتي زمين مالڪن جو 75 سيڪڙو وڏا زميندار آهن. تنهن ڪري اهو چوڻ درست نه ٿيندو ته اسان پنجاب جو نقل پيا ڪريون. هڪ ٻي ڏکيائي اها آهي ته هتي ڪا به سرڪاري زمين وڪري لاءِ موجود ڪونهي. ننڍا آبادگار هٿيڪي زمين تي ئي گذارو ڪندڙ آهن. اهڙن ننڍن آبادگارن جي تحفظ جو آئون حامي آهيان.

**محمد هاشم گذدر:** هي ايوان کي گمراهه ڪري رهيو آهي.

**نهچلداس وزيراڻي:** گمراهه ڪرڻ جو سوال ئي ڪونهي. حقيقت اها آهي ته هتي زميندار گهڻو ڪري هارين جا پروپرائيٽر آهن.

**محمد هاشم گذدر:** جيڪڏهن معزز ميمبر وٽ ڪي انگ اکر آهن ته ڪيس اهي هتي ڏيڻ گهرجن. هتي ڪهڙا اهڙا وڏا زميندار آهن جن وٽ هزارين ايڪڙ زمين آهي.

**نهچلداس وزيراڻي:** منهنجا ٻوجهه دوست، توهان کي خبر هجڻ گهرجي ته پنجاب ۾ زميندارن کي ڪنهن قانون تحت نه پيو هلايو وڃي. پنجاب ائڪٽ عام طبقي سان لاڳو آهي.

**محمد هاشم گذدر:** پر اهو زرعي طبقو آهي، امير طبقو ڪونهي.

**نهچلداس وزيراڻي:** هنن وٽ عام طور آبادگار طبقو آهي. ايئن ناهي ته قلم جي هڪ ئي ڏک سان کين چيو وڃي ته هاڻي اهو قانون مٿن لاڳو ٿي ويو. دکن ائڪٽ جو مثال وٺو. ان ۾ ته ايترو به چيو ويو ته شيعن، بوهرين ۽ خواجن کي به ڇوٽ ڪانهي. عام شهري به ان ۾ شامل آهي. اتي اهڙي قانون بابت ڪجهه شعور آهي. هتي اسان ان ماڻهو کي به زميندار سڏيون ٿا جيڪو 1937ع ۾ زمين جو مالڪ بڻيو آهي ۽ هَر هلائيندڙ هر ماڻهو کي بل وسيلي تحفظ ڏنو ويو آهي. هيءَ ته انهي نام نهاد تحفظ جو هڪ حصو آهي جيڪو منهنجي نظر ۾ پابنديءَ جي ذمري ۾ اچي ٿو ۽ ٻنهه هاڃيڪار



ثابت ٿيندو. پر آئون نٿو سمجهان تہ روينيو جي محترم وزير کي هيءَ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي هوندي. سچي حقيقت ڄاڻندي آئون توهان کي ٻڌائيندس تہ هيءَ بل ڇو پيش ڪيو پيو وڃي. هو چوي ٿو تہ آئون پنهنجي زمين تي يا منهنجي طبقي سان سلهاڙيل ڪنهن بہ وڏي زميندار جي زمين مٿان ڪنهن بہ قسم جي پابندي لاڳو ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندس.

**شيخ عبدالمجيد سنڌي:** مهرباني ڪري سادي نموني سمجهايو.

**نهچلداس وزيراڻي:** آئون هر ڪنهن کي مطمئن ڪرڻ نٿو گهران.

محمد هاشم گذدر: معزز ميمبر کي گهرجي تہ هڪ ترميم اڳيان آڻي تہ هيءَ قانون هر ماڻهوءَ تي لاڳو ٿيندو.

**نهچلداس وزيراڻي:** آئون رڳو چِٽو ڪري رهيو آهيان. توهان وٽ پنهنجو جواب وارو حق محفوظ آهي. سائين، هنن بل کي ٽن ڪلاسن ۾ ورهايو آهي. هن بل تحت فقط اهي ئي ماڻهو جيڪي ”ايگريڪلچرسٽ“ جي وصف هيٺ ايندا تن کي ئي زمين خريد ڪرڻ جو حق حاصل هوندو. ٽئين ڪلاس يعني سي-ڪلاس جي موجودگيءَ سبب ننڍن ڪاتيدارن کان زمين خريدڻ جو حق جوڳي نموني متاثر ٿيو آهي. هاڻي بل ۾ چيو ويو آهي تہ گهٽي زمين رکندڙ اهو طبقو جن وٽ بہ هزار ايڪڙن کان بہ وڌيڪ زمين آهي، ڪليڪٽر جي رضامنديءَ سان ننڍي ڪاتيدار کان زمين خريد ڪري سگهي ٿو. پلي اهو ننڍو ڪاتيدار 50 کان 100 ايڪڙن تائين زمين رکندڙ هجي. جڏهن تہ 50 ايڪڙن يا 100 ايڪڙن جو مالڪ پنهنجي زمين ”نان ايگريڪلچرسٽ“ کي سڌو سنئون وڪڻي نٿو سگهي ۽ 2000 ايڪڙن کان وڌيڪ زمين رکندڙ کي اها آزادي آهي تہ هو جنهن کي چاهي پنهنجي زمين وڪرو ڪري سگهي ٿو. نيٺ هن بل جو مقصد ڇا آهي؟ ايئن سي ڪلاس سان لاڳاپيل ڪو ماڻهو بي ڪلاس ۽ نان ايگريڪلچرسٽ وچ ۾ دلال جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري، جيڪڏهن ڪو نان ايگريڪلچرسٽ بي ڪلاس واري زميندار کان زمين خريدڻ چاهي تہ ڇا ڪيس سي ڪلاس سان لاڳاپيل پنهنجي ڪنهن دوست کي منٿ ڪرڻي پوندي؟ تہ جيئن بي ڪلاس واري کان زمين خريدڻ ۽ ان کي نان ايگريڪلچرسٽ ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي. اسان جي آڏو ڪجهہ اهڙي قسم جو بل آندو ويو آهي.

هڪ معزز ميمبر: ڇا توهان پنجاب واري نموني مان مطمئن آهيو؟

**نهچلداس وزيراڻي:** سوال اهو ڪونهي تہ آئون مطمئن آهيان يا نہ. آئون رڳو اهو ئي بيان ڪري رهيو آهيان جيڪو بل ۾ آهي. سائين، دراصل آئون ننڍن ڪاتيدارن کي هر ممڪن تحفظ ڏيارڻ لاءِ ايڙي ڊيگهہ ڪري رهيو آهيان. ننڍن آبادگارن بابت ڪنهن بہ قسم جي معقول ۽ لاپائتي قانونسازيءَ لاءِ آئون توهان سان گڏ آهيان. (هلندڙ)

# عورت خوشحال تہ سنڌ خوشحال

نزاڪت علي

عورتن ڪي معاشي سگهہ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ جو احساس ڀھريون ڀيرو تڏھن جاڳيو جڏھن آباديءَ ۾ ڪاٿي ڪان وڌيڪ اضافو ٿيو. جنھن جو چٽو مثال 1995ع ۾ اقوام متحده جي عورتن بابت چوٿين عالمي ڪانفرنس ھئي جنھن ڀارت ۔ بنگلاديش جي عورتاڻي شعور ڪي ايڏي سگهہ ڏني جو اڄ 2023ع ۾ اھا ڳالھ واضح ٿي وئي آھي تہ عورت خوشحال ٿيندي تہ سنڌ خوشحال ٿيندي. پاڪستان جا ڀاڳ ڀلا ٿيندا. ھاڻ سڄي دنيا عورتن جي سگهہ ڪي مڃتا ڏيندي ئي ترقي ڪري سگهي ٿي.

ان ڏس ۾ 2015 اھو سال آھي جڏھن ڀارت ۾ عورتن جي سجاڳيءَ جو سڄ اڀريو. ان ئي واٽ تي پاڪستان جي اسٽارٽ اپ گرلز I.T جي شعبي ۾ پنھنجون صلاحيتون آزمايون. ھن وقت مشرق، مغرب کان اڳيرو وڌي رھيو آھي، تہ ان ۾ پاڪستان، ڀارت، افغانستان، ايران، بنگلاديش، چين، جاپان، ڪوريا ۽ روس جي ٽيڪ گرلز بہ پنھنجا جھنڊا کوڙيا آھن. معاشي سگهہ سان سياسي سگهہ بہ وڌندي پئي وڃي. عالمي حڪومتن ڪي عالمي ماحولياتي گدلاڻ ڀڄائي ڇڏيو تہ ”جنگ نہ، پر امن ئي انسانيت جو مستقبل آھي.“ جي اسين عالمي معيشت ۾ ڀارت جي ڪردار ڪي ڏسون تہ ان لاءِ اسان وٽ ڪيترائي سبق ۽ رول ماڊل آھن.





سڄي دنيا جا نوجوان بنا ويڇي ڪدورت، جهڙيءَ ريت سوشل ميڊيا تي اوپن ڊائيلاگ ڪري رهيا آهن، اهڙيءَ ريت اسان کي بہ اهڙن تجربن منجهان لاڀ حاصل ڪرڻ گهرجي.

عورتن لاءِ معاشي موقعن جي لحاظ کان پيشقدمي سست ٿي رهي آهي. جڏهن عورتن ۽ ڇوڪرين وٽ مرڪزي ڌارا ۾ شامل ٿيڻ جا موقعا هوندا تڏهن معيشتون ترقي ڪنديون ۽ قومون خوشحال ٿينديون. بہ انگ هڪ عظيم قوم جي مستقبل جي جوڙجڪ ڪري سگهن ٿا: ڇهہ ۽ سترهن ڪرب. پهريون انگ روزانو في ڪلاڪ آهن جيڪي پارٽ ۾ عورتون بنا ڪنهن اجوري جي ڪم ڪندي گذارين ٿيون. ٻيو انگ ڊالرز ۾ اها رقم آهي جيڪا پارٽ جي مجموعي قومي پئداوار ۾ شامل ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن عورت باضابطا طور محنت ڪش افرادي قوت ۾ مردن جي برابر شرڪت ڪري. 1995ع ۾ جنهن ڳالهہ کي اسان سچ سمجهندا هئاسين اها هاڻي سمجهون ٿا تہ سچ آهي. اڌ آباديءَ کي پوئتي ڇڏي اسان اڳتي نٿا وڌي سگهون. واضح شاهديون موجود آهن تہ جڏهن عورتن ۽ ڇوڪرين وٽ مرڪزي ڌارا ۾ شامل ٿيڻ جا موقعا هوندا تڏهن معيشتون ترقي ڪنديون ۽ قومون خوشحال ٿينديون. جڏهن ان بابت انگ اکر سادي سلوڻي انداز ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا تہ ماڻهن جي حمايت وڌي ٿي. مون پاڻ سڄي دنيا ۾ ايئن ٿيندي ڏٺو آهي، انهي حد تائين جو ملڪن جا روايتي سربراهہ بہ قائل ٿي رهيا آهن.

اڄ نون انگن اکرن ۽ تجزياتي طريقن جي استعمال سان اسان عورتن ۽ ڇوڪرين جي عالمي سلامتي ۽ خوشحالي ۾ ڪردار ۽ ان آڏو ايندڙ رڪاوٽن کي اڳ جي ڀيٽ ۾ بهتر طور سمجهڻ لڳا آهيون. ڪجهہ عرصو اڳ ڪلنٽن فائونڊيشن جو “نوسي لنگز” پروگرام، گيٽس فائونڊيشن جي سهڪار سان هڪ عالمي رپورٽ جاري ٿي جنهن ۾ پهريون عورتن جي ڪاميابين ۽ محنتن جو نقشو واضح ڪيو ويو.

سيپٽمبر ۾ گڏيل قومن جي عورتن بابت چوٿين عالمي ڪانفرنس جي ويهين سالگرهہ ٿيندي، جيڪا 1995ع ۾ بيجنگ ۾ منعقد ٿي هئي. ان ميڙاڪي جو پيغام اڄ بہ صحيح ٿو لڳي. حتمي طور انساني حق عورتن جا حق آهن ۽ عورتن جا حق ئي انساني حق آهن. مونکي فخر آهي تہ مون 189 قومن جي نمائندن سان گڏجي عملي قدم کڻڻ جي ان پليٽ فارم ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ سياسي، شهري، معاشي، سماجي ۽ ثقافتي زندگي ۾



عورتن جي ڀرپور ۽ برابر شموليت جو مطالبو ڪيو ويو.

سني خبر اها آهي تہ بيجنگ ڪانفرنس ڪانپوءِ هينئر تائين 20 ورهين ۾ اسان واقعي پيشقدمي ڪئي آهي. عورتن جي صحت ۽ تعليم تائين پهچ گهٽي بهتر ٿي آهي. مائرن ۾ موت جا واقعا اڌو اَڌ گهٽجي ويا آهن. پرائمري اسڪولن ۾ شاگردن ۽ شاگرديائڻين جي انگ ۾ عالمي فرق لڳ ڀڳ ختم ٿي چڪو آهي. ان جي باوجود ٻيون خبرون ايتريون حوصلو ڏياريندڙ نہ آهن. عورتن لاءِ معاشي موقعن جي لحاظ کان پيشقدمي سست ٿي رهي آهي. عالمي سطح تي مردن ۽ عورتن جي افرادي قوت جي وچ ۾ فرق ايترو گهٽ ناهي ٿيو. هڪ سؤ کان وڌيڪ ملڪن ۾ عورتن جي معيشت ۾ شرڪت کي محدود ڪندڙ قانون اڃا تائين رائج آهن. افرادي قوت ۾ عورتن جو انگ وڌي رهيو آهي. پوءِ بہ ڏکيائيون برقرار آهن. آمريڪا ۾ بنيادي روزگار ڪمائڻ وارن هر ڏهن ماڻهن ۾ چار عورتون آهن. باوجود ان جي عورتن جي مزدوري مردن جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. ڪافي عورتون ان ڪري مرڪزي ڏارا ۾ نٿيون اچي سگهن جو وقت جي شيڊول ۾ لچڪ نہ آهي. ٻارن جي سستي سار سنڀال موجود نہ آهي. عورتن کي بيماري يا ويم لاءِ موڪل دوران مزدوري ناهي ملندي ۽ آمريڪا انهن ڪجهہ ملڪن ۾ شامل آهي جتي اهڙين سهولتن جي کوٽ آهي. ويهين صدي جي معيشت ايڪويهين صدي جي خاندانن لاءِ بيڪار ٿي چڪي آهي.

جيترن وڌيڪ ماڻهن کي صحيح انگن اکرن وسيلي آگاهہ ۽ قائل ڪيو ويندو اوتروئي سٺا فيصلا سامهون ايندا ۽ آخرڪار سٺا نتيجا نڪرندا. اقتصادي سهڪار ۽ ترقي جي تنظيم ان نتيجي تي پهتي آهي تہ جيڪڏهن اسان افرادي قوت ۾ مردن ۽ عورتن وچ ۾ فرق کي ختم ڪري ڇڏيون تہ دنيا جي جي ڊي پي 2030ع تائين لڳ ڀڳ 12 سيڪڙو وڌي ويندي.

جيتوڻيڪ عورتن خلاف متڀيدي سلوڪ بابت وڌيڪ قانون رائج ٿيا آهن. تنهن هوندي بہ انهن تي عمل ٿيڻ ۽ لاڳو ٿيڻ وارو مرحلو دير جو شڪار آهي. ملڪن کي اهي قانون لاڳو ڪرڻ لاءِ وسيلا ۽ سياسي عزم استعمال ڪرڻو پوندو. جيئن اهي صنفي برابري جي واڌاري لاءِ ڪري رهيا آهن. اهي رڪاوٽون ختم ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻا پوندا، جيڪي اڃا تائين موجود آهن.

ٽيڪنالاجي ۾ اڳڀرائيءَ سان ترقي جا اڻ ڳڻيا موقعا نڪرن ٿا. موبائل بئنڪاري، آن لائن تربيت جا طريقاءِ ٽوئٽر، عورتن کي انهن خدمتن تائين پهچ مهيا ڪري سگهن ٿا، جن جي کين اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجون ڪهاڻيون ٻين تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي. ليڪن ان کان اڳ اسانکي اُسرندڙ دنيا ۾ موبائيل ۽ انٽرنيٽ رسائي جي حوالي سان مردن ۽ عورتن وچ ۾ فرق ختم ڪرڻو پوندو. خاص طور مذهبي ۽ خانگي شعبي جي اڳواڻن سان گڏ پارٽنرشپ قائم ڪريون تہ وسيع تر ۽ تيز ترين تبديلي آڻي سگهجي ٿي. اڪثر شعبن جي سربراهن جي سمجهہ ۾ اچڻ لڳو آهي تہ عورتن کي پٺتي رکڻ صحيح نہ آهي نہ وري فائديمند آهي. ويهہ ورهيہ اڳ عورتن ۽ ڇوڪرين جي برابري جي ڳالهہ ڪرڻ چين سميت تمام گهڻن ملڪن ۾ شجر ممنوع هو. اهڙي صورتحال ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ مضبوط اخلاقي دليل گهربل هئا. اڄ تہ ان ڳالهہ کي يقيني بڻايون تہ 2035 ع ۾ جڏهن اسان عورتن ۽ ڇوڪرين جي ترقي بابت ڳالهايون تہ اهي برابري جي جنگ کٽي چڪيون هجن.

# ڊجيٽل دور ۾ سنڌ جو نوجوان

فرحان تنيو

جديد دور ۾ انسانذات جي نسل در نسل ترقي ڏسي ڏندين آڱريون اچي وڃن ٿيون ۽ جيڪڏهن ويهين صديءَ جي ڳالهه ڪريون ته گذريل صديءَ ۾ ڪيل شاندار ۽ لاجواب ايجادن جي نتيجي ۾ هڪ اهڙو انقلاب آيو آهي جنهن سان هاڻي انسان کي ڪا به طاقت سندس سمورا خواب پورا ڪرڻ کان روڪي نه سگهندي. 21هين صديءَ کي جيڪڏهن ڊجيٽل صدي چئجي ته ان ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ڇو ته هيءَ صدي انسان جي ايندڙ نسلن جي مستقبل جو تعين ڪرڻ ۾ سڀ کان اهم ڪردار ادا ڪندي ۽ اهڙي عمل ۾ ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ وغيره جو ڪردار وري سڀ کان وڌيڪ اهم هوندو. عظيم ترقيءَ جي هن سفر ۾، اهو معلوم ٿئي ٿو ته انٽرنيٽ ڊجيٽل دنيا ۾ عظيم انقلاب جو سبب آهي، انٽرنيٽ جهڙي ايجاد جي ڪري ئي اڄ هزارين ميل پري رهندڙ ماڻهو پنهنجن پيارن، عزيزن ۽ مائٽن سان 24/7 ڳنڍيل آهن ۽ ڪمپيوٽر، ليپ ٽاپ يا موبائل فون استعمال ڪرڻ سان، هڪ ڪلڪ جي دوري تي نه رڳو هڪ ٻئي سان ڳالهائي سگهجي ٿو پر وڊيو ڪالن ذريعي هڪ ٻئي جي سرگرمين کي به ڏسي سگهجي ٿو. جيڪڏهن توهان به انٽرنيٽ جي نعمت مان فائدو حاصل ڪري رهيا آهيو ته ان جو مطلب اهو آهي ته توهان به ڊجيٽل دنيا جو هڪ حصو آهيو جيڪا هاڻي انسانيت جي گڏيل



مستقبل جو اهم ترين حصو آهي ۽ ويجهي مستقبل ۾ اها انٽرنيٽ اسان کي اڃا اڳتي وٺي ويندي. اڃا به ڪيترين ئي عجيب ۽ جادوئي ايجادون ٿيڻ واريون آهن. جن کان پوءِ انسان جي بيشمار مسئلن جو آسان حل نڪرندو. تيزيءَ سان بدلجندڙ ترقي پذير، ترقي يافته ڊجيٽل دور ۾ سنڌ جو نوجوان ڪٿي بيٺو آهي، اهو هن دور جو سڀ کان اهم سوال آهي. ڇو ته نوجوانن کي ئي قوم جو مستقبل تصور ڪيو ويندو آهي ۽ نوجوان پنهنجي صلاحيتن جي بدولت نوان رستا ناهي، نوان نوان جذبا پيدا ڪري خيالن ۾ سوچن ۾ پنهنجي قوم جي مستقبل کي محفوظ بڻائڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪري ٿو.

اڄ جڏهن اسان چوڌاري نظر وجهون ٿا ته جاپان ۽ ڪوريا کان وٺي روس تائين، آسٽريليا کان وٺي يورپ جي آخري ڇيڙي تائين ۽ اتر آمريڪا کان وٺي لاطيني آمريڪا تائين، لکين نوجوان ڊجيٽل دنيا ۾ پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪري ان لامحدود پليٽ فارم تان آن لائن ڪمائي پڻ رهيا آهن. جيڪڏهن پاڪستان جي نوجوانن جي ڳالهه ڪريون ته اسان جي ملڪ جا نوجوان به ڊجيٽل ميڊيا پليٽ فارم تي پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. پر ان جي باوجود آبادي جي لحاظ کان پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ صوبي ۾ ڊجيٽل دنيا سان سلهاڙيل نوجوانن جو تعداد ايترو نه آهي جيترو آباديءَ جي بنياد تي هجڻ گهرجي. تنهنڪري سنڌ جي نوجوانن کي وڌ ۾ وڌ ڊجيٽل دنيا جو حصو بڻجي آن لائن ڪمائڻ کي ترجيح ڏيڻ گهرجي.



ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين سنڌ جا نوجوان آن لائن بزنس پليٽ فارمن تي تعليم حاصل ڪري گهر ۾ ويهي لکين رپيا ڪمائي سگهن ٿا يا وري يوٽيوب چينل ناهي ۽ معياري مواد اپلوڊ ڪري به پئسا ڪمائي سگهن ٿا. سنڌ جا ڪيترائي نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون يوٽيوب چينل هلائي رهيا آهن پر هن ڊوڙ ۾ اڃا ڍهلي دور است وانگر. گهڻو ڪجهه ڪرڻو پوندو ته جيئن ڊجيٽل ميڊيا جي عالمي معيار کي جانچڻ ۾ وڌيڪ آساني ۽ وڌ ۾ وڌ آمدني پڻ حاصل ٿي سگهي.

ڊجيٽل ميڊيا جي ميدان ۾ هاڻي سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙن کي فيس بڪ، ٽوئيٽر جهڙين سوشل سائيٽس تي اڪائونٽس ۽ پيجز ناهي ۽ وڌ ۾ وڌ ٽريفڪ کي يقيني بڻائي ڪمائي جو موقعو ڏنو پيو وڃي ۽ سڄي دنيا جا نوجوان ان موقعي مان فائدو حاصل ڪري رهيا آهن. سنڌ جي نوجوانن کي به گهرجي ته هو صرف سرڪاري نوڪريءَ جي اميد رکڻ بدران ڊجيٽل ميڊيا جي مختلف شعبن ۾ مهارت حاصل ڪن. ان کان پوءِ هڪ بهتر ۽ روشن مستقبل سندن استقبال ڪندي نظر ايندو. نه رڳو اهو پر دنيا جا نوان نوان شعبا، ايجادون، عالمي سطح تي ٿيندڙ نظريا ۽ تبديلين جي به چڱيءَ طرح ڄاڻ پلئه پئجي ويندي.

سنڌ جو نوجوان ڪنهن به لحاظ کان پاڪستان جي ٻين صوبن جي نوجوانن کان گهٽ ناهي، پر سنڌ حڪومت کي گهرجي ته اهڙن لکين نوجوانن لاءِ سرڪاري سطح تي ٽريننگ سينٽر قائم ڪري ته جيئن پڙهيل لکيل ۽ باصلاحيت نوجوان ڊجيٽل فارميٽ ۾ دلچسپي وٺن. ميڊيا جي شعبن کي ماهرن



طرفان تربيت ڏني وڃي. منهنجي خيال ۾ ٽريننگ حاصل ڪرڻ بعد سنڌ جا نوجوان ڊجيٽل ميڊيا جي دنيا ۾ عالمي سطح تي نالو ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهن ٿا ۽ هي نوجوان جيڪو اڄڪلهه مناسب موقعن جي کوٽ سبب ٿورو مايوس آهي، اڳتي وڌي سگهي ٿو ۽ بهترين پروفيشنل بڻجي نالو ۽ ناڻو ڪمائي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڊجيٽل دنيا لامحدود موقعن جي بازار آهي ۽ هر ماڻهو پنهنجي صلاحيتن جي بنياد تي گهر ۾ ويهي لکين ڪروڙين رپيا ڪمائي سگهي ٿو. ڊجيٽل ميڊيا اسپيس ۾ پئسا ڪمائڻ لاءِ، مثال طور، اسان ڪيترن ئي يوٽيوب چينلز جي آمدني کي اڳتي وڌائي سگهون ٿا، جيڪا سٺي رقم بڻجي سگهي ٿي، جڏهن ته ٻيون ڪيترين ئي ويب سائيٽون ۽ ايپس جهڙوڪ Uber، Careem، Bikeya، Daraz، Alibaba۽ ٻيا پڻ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ جهجها پئسا ڪمائڻ جو هڪ ذريعو پڻ بڻجي چڪا آهن، نه صرف ايپ ٺاهيندڙ ڪمائي رهي آهن پر سوشل ميڊيا ايپس استعمال ڪندڙ پڻ ڪمائي رهيا آهن. اهو ئي سبب آهي ته دنيا کي هڪ گلوبل ڳوٺ سڏيو ويو وڃي ٿو ته هاڻي توهان دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ ويهي نه صرف ڪنهن به ملٽي نيشنل ڪمپني، تنظيم يا ڪاروباري ايجنسي لاءِ اشتهار ڏئي سگهجن ٿا پر آفيشل طور تي آن لائن ملازم به بڻجي ماهوار پگهار تي پڻ ڪم ڪري سگهجي ٿو.

جيتوڻيڪ سنڌ جو نوجوان ڊجيٽل دور ۾ پاڻمرادو اڳتي وڌڻ جي عمل ۾ مصروف آهي پر اڃا به گهڻو ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ سنڌ جي وڏيڪ نوجوانن کي ڊجيٽل دنيا جو پروفيشنل حصو بڻائي سڄي دنيا ۾ پنهنجو پاڻ مڃرائڻو پوندو. هر مشڪل قدم کڻڻ ۽ اڳتي وڌڻ جو جذبو پيدا ڪرڻو پوندو ته پوءِ ان لاءِ ڪيترين ئي نيون دنيائون، نوان موقعا ۽ نيون منزلون به پيدا ٿينديون:

**ديار عشق ميں اپنا مقام پيدا کر،**
**نيا زمانہ نئے صبح و شام پيدا کر،**
**خدا اگر دل فطرت شناس دے تجھ کو،**
**سکوت لالہ و گل سے کلام پيدا کر۔**
**(علامہ اقبال)**

# سنڌ جي ٽالپر خاندان جي علم شناسي

(حصو پهريون)

ميرزا علي متقي بيگ ڪربلائي

ٽالپر بلوچ هوت قبيلي مان آهن هنن جي دعويٰ آهي ته اسين بلوچ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي چاچي حضرت امير حمزه عليه السلام جي اولاد مان آهيون (1) بلوچ متعلق هڪ شعر جيڪو 1840ع ۾ جنرل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال ۾ شايع ٿيو ان جو مطلب ته اسين بلوچ سيد الشهداء حضرت امير حمزه عليه السلام جو اولاد آهيون. اسان کي درگاهه ربِ تعاليٰ مان سوڀ مليل آهي ۽ اسين حضرت علي عليه السلام امام المشرقين والمغربين اسد الله غالب جا مُريد آهيون. پنهنجي وطن مان نڪري ڪربلا جي معرڪي ۾ حضرت امام حُسين عليه السلام جي جهنڊي هيٺ يزيدي لشڪر سان جنگ ڪئي. پوءِ عرب مان نڪري پنيور جي شهرن جي وچان لنگهي سيستان ۾ منزل ڪئي (2) بلوچن جي قديم نظم (نسب نامه) انهي سلسلي جي هن شعر مان بلوچن جي عربي هجڻ جي تصديق ٿئي ٿي.

اولاد ميرين حمزه هيگون
سوب درگاهء گوئر انست
اش جلبء پار ڪايون
گوں يزيده جيڑو انست
ڪبلا بهپور من نيام
شهر سيستان منزل انست

ترجمو: اسين حضرت امير حمزه عليه السلام جي اولاد آهيون نصرتِ ايزدي اسان سان گڏ آهي. اسين حلب (شام) مان آيا آهيون يزيد جي لشڪر سان جنگ ڪانپوءِ ڪربلا ۽ نبپور کي ڇڏي سيستان شهر کي آباد ڪيوسين. (3)

بلوچن جي گذريل تاريخ مان هن ڳالهه جي گواهي ملي ٿي ته اهو خالص ۽ اصل نسل هر اعتبار سان هڪ عرب قبيلو آهي. بلوچ هڪ اهڙي معاشري ۾ زندگي گذارڻ پسند ڪندا آهن جيڪو مهر و وفا صدق و صفا امانت مساوات ۽ پيار محبت جي جذبي سان پرپور هجي. ايران جي مشهور فارسي گو شاعر فردوسي پنهنجي شاه نامي جي هڪ نظم ۾ بلوچن کي هڪ زبردست ۽ بهادر قوم جيڪي لقب سان ياد ڪيو آهي. شريف النسب بلوچ قوم سان تعلق رکندڙ هر فرد سچو امانتدار، موروثي بهادر ۽ اعليٰ اخلاق جو حامل هوندو آهي. تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته هي پنجين صدي هجري ۽ ڏهين صدي عيسوي ۾ ڪرمان ۽ مڪران (موجوده ايراني بلوچستان) مان بلوچستان آيا ۽ هتي رهائش اختيار ڪيائون. جنهن ڪانپوءِ هن خطي جو نالو بلوچستان ٿيو. هن وقت به ڪيترائي بلوچ خاندان هن علائقي ۾ موجود آهن. اهڙي طرح هي خاندان هڪ علائقي مان ٻئي علائقي ۾ آباد ٿيندا ويا ۽ زراعت ۽ سپاه گيري جي ڪم




۾ مشغول ٿي ويا.

ٽالپر خاندان جون ڪيترين ئي شاخون آهن پر منهنجو مقصد صرف انهن ٽالپر خاندان سان آهي جيڪي حيدرآباد، خيرپور ۽ ميرپور خاص جا حڪمران هئا. جيئن ته هو به عالم شاعر ادب نواز ۽ علم و ادب جا قدردان هئا هنن پنهنجي مادري زبان بلوچي کي خيرباد چئي فارسي ۽ سنڌي زبان ۾ علم و ادب جي فروغ لاءِ ڪوشان رهيا. ٽالپر خاندان جو جد اعليٰ ڪک خان المعروف سليمان خان هو. اُن کي اٺ پٽ هئا پر ان جي ٻن پٽن جو ذڪر ڪنداسين جن جو اولاد

حيدرآباد، خيرپور ۽ ميرپورخاص جا حاڪم هئا. ان جي وڏي پٽ جو نالو هوتڪ خان هو ۽ ٽئين پٽ جو نالو مانڪ خان هو. هوتڪ خان جي اولاد مان حيدرآباد ۽ خيرپور جا حاڪم هئا. هوتڪ خان جو هڪ پٽ شهداد خان هو. سنڌ جي تاريخ ۾ ٽالپر خاندان جو پهريون نالو مير شهداد خان اول سن 1002هه/1700ع ۾ ملي ٿو. مير صاحب ذي فهم ذي شعور ۽ دانا امير هو. ميان يار محمد خان ڪلهوڙي مير صاحب جي اهميت کي سمجهندي پنهنجي خاص نگهباني واري دست خاص ۾ شامل ڪيو. ان وقت جيڪي مقامي بغاوتون ٿيون انهن کي مير صاحب پنهنجي بهادري جا جوهر ڏيکاري ختم ڪيون ته ميان صاحب ان کان متاثر ٿي ”برخوردار“ جي لقب سان ملقب ڪيو ۽ سپهه سالار مقرر ڪري پٽ باران جو علائقو بطور جاگير عطا ڪيو انهي علائقي جي هڪ حصي کي پنهنجي نالي سان منسوب ڪري شهدادپور آباد ڪيو (جيڪو هن وقت ضلع سانگهڙ ۾ آهي) سندس لوح مزار تي تحرير ڪنده ٿيل آهي. ”مرحوم و مغفور شهداد فقير لانگاه جان بحق تسليم نمو“ شهداد خان کي ڪيترائي پٽ هئا پر هتي اسين ذڪر ڪنداسين مير بهرام خان ۽ مير صوبدار خان جيڪي سن 1159هه/76-1775ع ۾ شهيد ٿيا ۽ خدا آباد ۾ مدفون آهن. انهي واقعي کان پوءِ سيني بلوچ سردارن گڏ ٿي مير فتح علي خان کي پنهجو سردار مقرر ڪيو ۽ سنڌ جي حڪومت جو سربراهه مقرر ڪيو. مير صاحب حڪومت سنڀاليندي مير سهراب خان ۽ مير ٺارو خان کي پنهنجو صلاحڪار مقرر ڪيو. مير صوبدار خان کي چار پٽ هئا (1) مير فتح علي خان (2) مير ڪرم علي خان (3) مير غلام علي (4) مير مراد علي خان ۽ مير سهراب خان ۽ مير ٺارو خان جن جو ذڪر هتي ڪنداسين.

فاتح سنڌ مير فتح علي خان ٽالپر ڪلهوڙا حڪمرانن کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ (4) مير فتح علي خان سنڌ حڪومت جو والي ٿيو ته سنڌ جي نامور شاعر ۽ محقق مير علي شير قانع (5) هڪ قصيده مير صاحب جي شان ۾ چيو:

راسِ بر وجود و آمال ور جا
شد مرکب درسمي اعتلا
انکه نازد بروجودش روزگار
چون جناب مصطفي بر مرتضي
چون بناشد افتخارِ روزگار
روزگارش داد دين را پربها
بي بهادري زکانِ فخرِ شد
خورد تادرگدشِ عالمِ زوثنا
يا رب اين ذاتِ مقدس را مگر
از پيِء احيائِي دين دادي جلا
دين ز ارضِ سند رفته بود پاک
گر نه اين حاميء دين دادش ضيا
اين ولائِي اهلبيت ست که از آن
بصره دارين بردند اوليا
يمنِ اين دينداري آن مي سنرگ
برا عادي شد مظفر هر کجا
پنجه اش تابد بوقت دست برد
بازوي رستم به تائيدِ خدا
چون سنانِ گيو در جنگِ پشن
تيغ او جوشن شگاف استد رونما
دائما بر هفتخوانِ همتش
شير شر زه مي شود زله ربا



نقشِ گامِ توسنِ او را ظفر
مي کشد دائم بديده توتيا
از مقعر تا محّدب سطحِ خاک
زيرِ پاي تو سنش شد فتح زا
فطرتش راجز به فطرت کس نيافت
در خور مه کي بود ضوي سها
هست خوش مجموعهء حسنِ معاش
نسخئه اخلاق ذاتش بي ريا
قطنتِ او از معاد ست پرخبر
آن چو اکسير ست داين چون کيميا
درحذاقت دست وسعي او بقين
بو علي سينا و قانونِ شفا
از سخن پيدا نه بوده جز سخن
او نمود احياز سر اين مرده را
در کمالاتش که بي حصرو حدست
خامه قانع کجا پويد کجا

بردعا بهتر که سازم اعتصام
کان بود مجئي آدابِ رجا
تا ولائي اهلبيت ست عزّدين
عزّ دينش باد اقبال آثنا

مير فتح علي خان مسندِ نشين ٿيندي ئي سنڌ جي صورتحال تي غور شروع ڪيو ۽ فيصلو ڪيو ته سنڌ جي فلاح ۽ بهبود انهي ۾ آهي ته هن ڪي ستن حصن ۾ تقسيم ڪيو وڃي. اميرِ سنڌ چار حصا پنهنجي ۽ پنهنجي ٽن ڀائرن لاءِ جنهن جو دارالحڪومت حيدرآباد ڪيو ٻه حصا مير سهراب خان کي ڏنا جنهن جو دارالحڪومت خيرپور ٿيو ۽ هڪ حصو مير ٺارو خان کي ڏنو جنهن دارالحڪومت ميرپورخاص ٿيو.

بظاهر هي ورهاست انتظامي هئي هنن ۾ ڪو به اختلاف نه هو ۽ پاڻ ۾ ملي جلي حڪومت ڪندا هئا ۽ مرڪزي حيثيت مير فتح علي خان کي هئي. مير سهراب خان ۽ مير ٺارو خان جي حڪومتن کي هڪ رياست جي حيثيت هوندي هئي ۽ مرڪز جي هدايتن تي هلندي هئي. حيدرآباد جي حڪومت چارئي ڀائر مير فتح علي خان، مير غلام علي خان، مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان هلائيندا هئا هي حڪومت چئوياري جي نالي سان مشهور هوندي هئي. دنيا ۾ هي پهرئين حڪومت هئي جنهن کي چارئي ڀائر گڏجي هلائيندا هئا. هنن ڀائرن ۾ جيڪڏهين ڪنهن جو به انتقال ٿيو ته ان جو فرزند ان جي جاءِ تي حڪومت ۾ شامل ٿيندو.

مير فتح علي خان جي مدح ۾ سيد ذوالفقار علي شاه رضوي نتوي (6) هڪ دعائيه قصيده لکيو

صبا به نفحهء تاتار گشت عنبر بار
روانِ دولت گلزار بشکفيد بهار
گل از نقاب بر آورد چهرهء رنگين
نويد فرح هزاران هزار بهرِ هزار
خران به تفرقه رفت و بهار امن رسيد
بکوه دشت همه شور شحنه شد گلزار
باب ياري حضرات پاک آلِ عبا
نها دولت اميد آمده است بيار
چون آفتاب عجب خلعتي طلوع نمود
ز مطلع شهِ عالم پناه ذوالاقدار
قبائي قند رو زنجير فيل ضيغئه زر
به خنجري که ز آبش مزار خصم فگار
رقم مبارکِ رحمت قدم قمر تصحيف
سواد عالم از پرتوش چو ربع بصار
تبارک الله که از ضل فيض ظل الله
رسيد تاج بفرقِ امير آصف يار
امير فتح علي خار ٔ سرِ سرفرازان
که باد پشت و پناهش آئمه اطهار
مکين ملکِ مکارم عديل و بعد م
عظيمِ عضد ول ٔ شجاع شير شعار
نصيف ناصرِ جنگ وليء والا شان
بلند اخترِ صمصام دين کريم تبار
ازين صدائي مسرت زمين قرار گرفت
فلک برقص که آرد ستارگان به نثار
جهان جهانِ بشارت بخانمان جهان
چنان به هر زن و بازار هر صغار و کبار
هزار بار مبارک مير عالميان
که عمر و جاه و جلالت فزون هميشه قرار
توئي بهارِ جواني بهار عيش تر است
غبار پائي تو بر روئي نو بهار بهار
سخن دراز بود ليک مختصر کردم
که طبع نازکِ شاهان نگير دش دشوار
خدوش چهار براد " که چار ارکانند
چو چار صرف محمد چو حيدر کرار
کمينه بنده درگاه ذوالفقار علم "
که بود از ستمِ روزگار سينه فگار
بدين چهارم حصار آمد و به اجر رسيد
که چارهء سرِ ناچارگي بود ناچار
مدام تابه فلک هست سيرِ شمس و قمر
هميشه تابه جهان هست دورليل و نهار
ز شور شر نه و شش و در امان باشد
بحق سيدِ دارين عز هشت و چهار

ٽالپر حاڪمن پنهنجي ڪوشش سان انهن سيني علائقن کي حاصل ڪيو جيڪي ڪلهوڙا حاڪمن جي دور ۾ ٻين جي قبضي ۾ هليا ويا هئا.

مير فتح علي خان هڪ مدبر، هوشمند ۽ عاقبت انديش حاڪم هو سترهن ورهين جي عمر ۾ سنڌ کي فتح ڪيائين. ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ جيڪا خلفشار ۽ بدامني پيدا ٿي ان کي ڏسندي وڏي تمنا هيس ته ملڪ ۾ خوشحالي ۽ امن و امان جو دور دوره هجي. جنگ ڪان مير صاحب کي نفرت هوندي هئي ليڪن ڪنهن مجبور ڪيو ته پوءِ ڪڏهن به منهن نه موڙيو مير صاحب جي شجاعت جي ڪارنامن سان تاريخ جا ورق ڀريل آهن جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ ڪيڏو نه بهادر ۽ شجيع انسان هو. حڪومت کي نهايت ڪفايت شعاري ۽ بردباري سان هلائيندو هو.بادشاهي طور طريقي لاءِ سياست جي فن کان بخوبي واقف هو. حڪومت جي ادارن ۾ پنهنجي عزيزن ۽ بلوچ سردارن کي انهن جي حيثيت مطابق جڳهه ڏيندو هو ته جيئن ڪنهن کي به شڪايت جو موقعو نه ملي.

هاڻي سنڌ ۾ ٽالپرن جي مضبوط ۽ مستحڪم حڪومت قائم ٿي چڪي هئي.

ليڪن مير صاحب جي عهد حڪومت ۾ خارجہ پاليسي ايتري پائيدار نہ هئي ڇو جو پاڙيسري ملڪن سان خلوص ۽ محبت وارا تعلقات قائم نہ هئا. مير صاحب فقط پنهنجي تلوار جي زور تي حڪومت ڪئي. افغانستان جي بادشاهہ ۽ پنجاب جي راجا رنجيت سنگهہ شروع کان سنڌ جا دشمن هئا هي ٻئي موقع جي تلاش ۾ هوندا هئا تہ موقع ملي تہ سنڌ کي فتح ڪريون. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهين دوست ملڪ هو تہ فقط ايران هو ۽ وقت جي تقاضا بہ اِها هئي تہ ايران سان گهرا ۽ دوستانہ تعلقات قائم ڪيا وڃن. مير صاحب پنهنجو پهريون سفير حڪومت جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ تقريباً 16/17 سالن کانپوءِ سن 1214هہ/ 1799ع ۾ ميرزا محمد علي بيگ شيرازي کي ايران موڪليو.

مير صاحب تي سن 1217هہ/ 1802ع ۾ اچانڪ سرطان جي بيماري حملو ڪيو سڀ علاج بيڪار ٿي ويا ڏينهون ڏينهن طبيعت خراب ٿيندي وئي ڪمزوري ۽ ضعف وڌندو ويو. پنهنجي ننڍي ڀاءُ مير غلام علي خان کي ولي عهد مقرر ڪري هي وصيت ڪيائين.

"پنهنجي ملڪ تي حڪومت ڪرڻ ۾ غفلت نہ ڪجان حڪومت جي ڪاروبار ۾ جيئن مون پنهنجي ڀائرن مير ڪرم علي ۽ ٻين کي ملايو اوهين بہ انهي طرح ملائجو. پنهنجي لشڪر ۽ بلوچ سردارن جي رضامندي سان حڪومت هلائجو. عوام کي پنهنجي اولاد وانگر سمجهجو ۽ انهن تي ڪڏهن بہ ظلم نہ ڪجو. آئون توهان کي ۽ پنهنجي اهل و عيال کي الله تبارڪ و تعاليٰ ۽ رسول اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۽ ان جي آل جي حوالي ڪريان ٿو".

وصيت جا لفظ ختم ٿيندي ئي اکيون بند ٿي ويون ۽ مير صاحب جو انتقال ٿي ويو. مير صاحب جي وفات تي سنڌ جي مشهور شاعرن قطع تاريخون چيون آهن.

. سيد عظيم الدين ٺٽوي ( ’ )

بنامِ جهان آفرين ذوالجلال
که ملکش مبرا بود از زوال
خداوند بخشنده و بي نظير
گدائي درش جمله شاه و امير
محمد گزيد از همه مرسلان
علي را بوي کرد از ناوران
مددگار کردش شهِ ذوالفقار
که اسلام را ساخته آشکار
بفرمان آن شاه حي القدير
خداوند خلاق بالا و زير
شه سنده فتح علي خان امير
به گلزار جنت چوشد جائگير
جهان سربسر گشت تا روسياه
سيه پوش شد درعزا مهر و ماه
چو شد روزعاشوره اين روبکار
دو محشر به يک روز شد آشکار
جز آواز گريه صدائي بنود
بجز وائي ويلا ندائي نبود
تفاوت نمائده ز شب يا بروز
شب و روزي بود آفسوس سوز

. سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي ( ؛ )

مومنان ماه محرم آهي ماه اهلبيت
ٿيو شهيد اُن ماه ۾ او بادشاهِ اهلبيت
هيءِ حسين ابن علي پشت و پناهِ اهلبيت
ڪربلا ڏي ڪاهيو سرور با سپاه اهلبيت
سيدِ اهلِ جنان ٿيو طرف جنت جي روان
سر پٽن اهلِ زمين رت روئن اهلِ آسمان
مومنان ان ماه ۾ رحلت ڪئي مير زمان
مير دين پرور خديو عمر شاه ڪامران
ذوالظفر فتح علي خان فتح و نصرت تو آمان
رات عاشوري جي باشاه شهيدان ٿيو روان
هو محبِ خاص عترت خيرخواهِ اهلبيت
ٿيو به ماه اهلبيت اندر پناهِ اهلبيت
آه شاهِ بي مثل فتح علي خان نامدار
زه سليمان و سڪندر بخت جمشيد اقتدار
زيب تاج و تخت و مسند سنڌ ڪشور شهريار
صدر سلطاني چڙي باشاهه شهدا ٿيو تيار
مثل مختيار و مصعب هو هوادار حسين
صاحبِ دربار دنيا ويو ديدار حسين

ورهيه ارڙهين عمر ٿيو هو سنڌ ڪشور بادشاهه
سال چاليهين ۾ رحلت ڪئي شهِ گيتي پناهه
سلطنت ايڪيهه سال او صاحبِ سيف و سپاهه
سال ٻاويهين ۾ ٿيو او ماه واصل با الله
هو خدا جو خاص خاصانِ خدا سين ٿيو وصول
هِت ۽ هُت با حيدر و حسنين در بزم رسول

بيست و يکم ماهِ رمضان هُئي ولادت مير جي
جنهن ۾ واقع ٿي شهادت شاه خيبر گير جي
رات عاشوري جي رحلت تابع تقدير جي
جنهن ۾ جنت ڏي سواري حضرت شبير جي
بادشاهي برقرار و تخت مسند برقرار
تخت بخشي ڀاءَ کي داور هليو دارالقرار

يا الاهي حرمتِ حضرات آلِ طيبين
انکي ڪر مرحوم ۽ رک تون شه دنيا و دين
هو نبي جو مجلسي هنجو علي ياور معين
ات نبي ناصر سندس ۽ والي انجو باالقين
تون به ثابت ڪربلائي مرثيه خوان مير جو

مصطفيٰ شافع سنده تون ماتمي شبير جو

عبدالمجيد مجيدي جوکيو (9) مير صاحب جي وفات تي طويل قطع تاريخ رقم ڪئي آهي جنهن جو اختصار پيش آهي

بيا بشنو حکايت روز ماتم
که چون نزديکش آمد آن نجاتم
قضا را از وجودش گشت پيدا
ز پشتِ پاک تن دنبل هويدا
حکيمانِ جهان جهدي نمودند
ز حکمت هريکي اعلاج کردند
هزاران بر هزاران نقد و نعمت
بنام حق خلاصي دفع ز حمت
به ساداتان و درويشان دادند
به مسکينان و محتاجان رساندند
ولي شايد که تقدير چنين بود
دعا دارو نکرده زين سبب سود
حکيي گفت مر اين مرض مهلک
دواي نيست الالحم کودک
بهر مخلوص جانِ خود عزير است
همين بهتر که او صاحب تميز است
بوقتِ نزع جان آن مير مختار
چه دُرَ هائي وصيت کرد اظهار
به غلامِ علي خان روبرو گفت
بدل بشنو نصيحت هائي من مفت
مرا آخر رسيده زندگاني
بکار ملک خود غافل نه ماني
برادر ها برادر زادها خويش
برابر جان داري ملک زان پيش
رضامندي بلوچانِ عزيزان
ترا لازم بود بهتر هم از جان
به حضرت حق رسولِ مير مختيار
شمايان را سپردم باهمه کار
شهادت کلمئه تهليل گفته
دو چشم از دين و از دنيا بخفته
نهم ماه محرم روزِ عاشور
به مجمع کربلايان گشت مغفور
جوان اندر جوارِ از پدر خويش
شده مدفون معطر آن کرم کيش
بفردوسِ برين آن نيک درجات
بگفته خيمها عادل به جناة "
217 هه

مير فتح علي خان 16 رمضان المبارڪ سن 1179هه/1766ع، شهادت حضرت امير المومنين عليه السلام جي ولادت ۽ نائين ۽ ڏهين محرم جي شب سن 1217هه/1802ع 42 سالن جي عمر ۾ انتقال ڪيو. مير صاحب جي جسد خاڪي کي هڪ هاٿي تي رکي خدا آباد (نزد هالا) ۾ پنهنجي والد ۽ ڏاڏي مير بهرام خان جي پهلو ۾ عليحده چوڪنڊي مقبره ۾ دفن ڪيو ويو.

وفات کان پهرئين پروردگار هڪ فرزند مير صاحب کي عطا ڪيو جنهن جو اطلاع خصوصي خدمتگار سجاول کهاوڙ اچي ڏنو. مير صاحب پنهنجي خاص خدمتگار کي مرصع جڙائون تلوار ۽ نقد انعام کان نوازيو ۽ خواهش جو اظهار ڪيائين ته نومولود شهزادو ڏيکاريو وڃي ۽ جنهن ڪمري ۾ مير صاحب هو انهي ڪمري جي ديوار کي ٽوڙيو ويو مگر اجل مهلت نه ڏني ۽ انتقال ڪري ويو.

مير غلام علي خان ٽالپر

مير غلام علي خان ٽالپر 16 محرم الحرام سن 1217هه/1802ع سنڌ حڪومت جي مسند تي جلوه افروز ٿيو مير صاحب جي سجع هي آهي

ناصرِ من بود نبي و ولي
منم از جان و دل غلام علي

انهي موقعي تي تمام بلوچ سردار ۽ مير سهراب خان دستاربندي جي رسم ۾ موجود هئا ۽ مير ٺارو خان جنهن جو تعلق ميرپور خاص سان هو اهو هن تقريب ۾ شريڪ نه ٿيو. انهي پررونق تقريب جي موقعي تي مير غلام علي مائل ٺٽوي (6) هڪ قصيده تهنيت جي موقع تي پيش ڪيو.

فغان و آه کي اندر عزائي شاه شهيد
عزائي خسروِ دوران بدهرگشت عيان
غرض که در شب عاشوره آن امير کبير
ز تخت گاه ايالت نموده نقل مکان
گذشته در صف شهدائي دين بصد اعزاز
گذاست مملکت و ملک از پئي اخوان
درين قضيه که شد رخنما به حکم قضا
خداش کرده عطا پور نيک نام زمان
که گفت سال ولود شريف او هاتف
" بود ابد بشرف مير صوبدار اوا "
617 هه

خدا زياده کند عمر و بخت و اقبالش
بيارئي حسنين و عنايتِ يزدان
در اين عزا که بيايد به تهنيت همکام
هزار شکر بر اين و هزار آه برآن
به تخت مملکتش مير ما غلام علي
جلوس کلم نموده به شرکتِ اخواه
سروش غيب چنين بهرسال کرد بيان
چون مير فتح علي خان ز تخت سند گز شت
بگو بزيب غلام علي نشست برآن
بحق آنکه شد آن مير واصلِ حسنين
هميشه باد دعاگوئي زمرهِ اخوان

مير غلام علي خان هڪ نيڪ نيت نيڪ دل زيرڪ فرمانروا هو. امور حڪمراني



وزيراعليٰ هائوس ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ
سرڪاوسجي جهانگير انسٽيٽيوٽ آف سائيڪاٽري حيدرآباد کي يونيورسٽيءَ ۾ اپ گريڊ ڪرڻ جي حوالي سان اجلاس ٿي رهيو آهي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سي پي او جي ڪنٽرول روم ۾ مڪاني چونڊن جي پولنگ جي عمل جي نگراني ڪري رهيو آهي.
آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ پولنگ اسٽيشنن تي لڳايل سيڪيورٽي پلان جي باري ۾ بريفنگ ڏئي رهيو آهي.
ان موقعي تي چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت به موجود هيو.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ايراني نائب وزير علي رضا ۽ ٻين سان گڏ ايڪسپو سينٽر ۾ ٽريڊ ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ آف پاڪستان (TDAP) ۽ ايران ٽريڊ پروموشن آرگنائيزيشن وچ ۾ مفاهمت جي يادداشت تي صحيحن جي تقريب ۾ شريڪ.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچيءَ جي نئين چونڊيل گورننگ باڊيءَ سان آرٽس ڪائونسل ۾ منعقد تقريب ۾ حلف ورتو.




سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، حيدرآباد ۾ انسٽيٽيوٽ طرفان شايع ڪيل پروفيسر اعجاز احمد قريشيءَ جي ڪتاب ”دي ڪيس آف ڪراچي“ جي رونمائي ڪئي.



سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ بيلجيم جي پارلياماني وفد سان ملاقات ڪئي جنھن جي قيادت سينيٽر ۽ بيلجيم پاڪستان پارلياماني فرينڊشپ گروپ جي چيئرپرسن محترمہ ايليسيا ڪليز، اين وي اَي ڪري رھي ھئي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه اين اِي ڊي يونيورسٽي گرائونڊ ۾ پيغام پاڪستان جي بينر هيٺ منعقد ٿيل
سيد نعمان احسن ڊي جي سنڌ هاير ايجوڪيشن ڪميشن ڪرڪيٽ ميچ جي اختتام تي ڪٽيندڙن ۾ انعام ورهائي رهيو آهي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه مقامي هوٽل ۾ NED يونيورسٽيءَ طرفان
NEDUET جي مستحق شاگردن کي ”ماجي“ اسڪالرشپ جو پهريون ايوارڊ ڏينهن جي تقريب سان خطاب ڪري رهيو آهي.

کان بخوبي واقف هو. هي دور سنڌ ۾ خوشحالي امن ۽ اطمينان جو دور هو. سيد عظيم الدين ٺٽوي(10) هن دور جي ساراه ڪندي فرمائي ٿو.

**عروس جهان را خداد دا نو**
**بصد عزو اقبال داماد نو**
**زر وسيم در ملک بسيار شد**
**ز هر قسم اموال انبار شد**
**گدايان سراسر تونگر شدند**
**ثناخوانِ درگاه داور شد ند**
**درين ملک بکسر گدائي نماند**
**ز دريوزه صوت و صدائي نماند**
**پنان کشور سند آباد شد**
**که هر خاطرِ غمزده شاد شد**
**ستمگر که بکشاد دست ستم**
**شده دست او از سياست قلم**

مير ناروخان موقع جي تلاش ۾ هو ته ڪهڙي طرح اميران سنڌ حيدرآباد کان جدائي ڪجي آخر هڪ معمولي واقعي تي هاري ۽ ڪاردار جي وچ ۾ معمولي ڳالهه تان تڪرار ٿيو جنهن تي مير ناروخان کي ڪاوڙ آئي ۽ جنگ جي لاءِ تيار ٿي ميدان ۾ نڪري آيو. مير غلام علي خان جي خواهش هئي ته پنهنجي عزيزن سان جنگ ڪرڻ سٺي ڳالهه نه آهي ۽ مير ناروخان کي سمجهايو ويو مگر مير ناروخان باز نه آيو جنهن تي مير صاحب پنهنجي چاچي مير محمود خان(11) جي سرڪردگي ۾ ميان طاهر خدمتگار(12) (جنهن جي نالي سان اڄ به شاهي بازار سان گڏوگڏ بازار ميان جي نالي سان مشهور آهي) به هزار لشڪر توبخانه سان گڏ روانو ڪيو جنگ ٿي جنهن ۾ مير ناروخان زخمي ٿي پيو ۽ قيد ڪري حيدرآباد آندو ويو.مير غلام علي خان, مير ناروخان جي صحت مند ٿيڻ کانپوءِ بيش بهاسوغاتن سان نوازي واپس روانو ڪيو. هي جنگ 1218هه/ 1803ع ۾ ضلع بدين جي وهڻائن واري ڳوٺ ۾ لڳي, انهي ڪري هي وهڻائن واري جنگ جي نالي سان مشهور آهي ان جنگ بابت آخوند احمد هالائي سانوڻي هڪ طويل مثنوي جنگ نامي جي نالي سان چئي آهي.

جڏهن مير غلام علي خان واليءِ سنڌ ٿيو ته سن 1803ع ۾ پنهنجو هڪ نمائده بمبي موڪليو ته بيهر انگريز تاجر سنڌ ۾ پنهنجي تجارت شروع ڪن. هن کان پهرئين ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي دور حڪومت ۾ پهريون دفعو تجارتي رابطو ٿيو ۽ سن 1758ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني قائم ٿي ايسٽ انڊيا ڪمپني سٺو منافعو ڪمايو ليڪن انگريزي سوداگرن سان تجارتي تعلقات واليءِ افغانستان جي معاهدي جي خلاف هو. لهذا ان جي حڪم سان انگريزن سان پنهنجا تجارتي تعلقات ختم ڪري ڇڏيا. مير صاحب پنهنجو نمائنده بمبي موڪليو ته جيئن انگريزن سان سنڌ ۾ تجارتي پروگرام شروع ڪجي ليڪن انگريز سولجرن پهرئين پنهنجي سابقه نقصان جو مطالبو ڪيو. ليڪن واليءِ افغانستان شاه زمان هندوستان جي مغربي سرحد جي حملي جي خدشي جي ڪري ڪپتان ڊيوٽ سٽن کي مير صاحب جي دربار ۾ موڪليو ويو ۽ انگريز سولجر مير غلام علي خان سان هي معاهده ڪيو.

1. ٻئي حڪومتون عهد ڪن ٿيون ته اسين هڪ ٻئي جا دوست رهنداسين ۽ هڪ ٻئي جي دوست کي پنهنجو دوست سمجهنداسين ۽ هڪ ٻئي جي دشمن کي به پنهنجو دشمن سمجهنداسين ۽ هڪ ٻئي جي مخالف کي به پنهنجو مخالف سمجهنداسين ۽ هن عهدنامه تي هميشه پابند رهنداسين.
2. به وقت ضرورت هڪ ٻئي جي مدد ڪنداسين.
3. هڪ حڪومت جو دشمن ٻئي حڪومت وٽ پناهه حاصل نه ڪري سگهندو.
4. سنڌ حڪومت جا ملازم ايسٽ انڊيا يا ڪمپني جي ڪنهن به ملازم کان ڪنهن به بندرگاهه تان سامان خريد ڪرڻ چاهين ته انگريز سرڪار انهن جي مدد ڪندي انهي شرط سان ته جيڪو سامان اسلحه وغيره خريد ڪيو ويندو ان جي قيمت بروقت ادا ڪندا.
5. ايسٽ انڊيا ڪمپني جو وڪيل تعلقات کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ دربار ۾ رهندو.
6. ٽاوان جي دعويٰ جيڪا پهرئين حڪومتن جي وچ ۾ موجود هئي اِن کي هن معاهدي جي ذريعي ختم ڪيو وڃي ٿو.
7. ٺٽي شهر ۾ انگريزن جي تجارتي ڪوٺي جيڪا ڪلهوڙن جي دور ۾ هيءَ اها ان مطابق رهندي. (تاريخ 24 جولاءِ 1808ع يڪم جمادي الثاني 1223هه)

ٽالپرن جي عهدِ حڪومت ۾ هي پهريون معاهدو بنيادي طوق هو جيڪو سنڌ حڪومت کي انگريزن جي غلامي جو پيو. بعد ۾ غلامي جو هي زنجير ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح مضبوط ٿيو ان جو تفصيل وڏو دردناڪ آهي.

*(هلندڙ)*

# حضرت سيد صدرالدين شاهہ بادشاهہ سکر وارو

محمد ياسين

سنڌ امن جي ڌرتي آهي، هيءَ ڌرتي تصوف جي حوالي سان الڳ مقام رکي ٿي، هن ڌرتي تي الله تعاليٰ جا اڻ ڳڻيا ڪرم آهن، هتي اولياءَ الله ايندا رهيا آهن ۽ هتان جا ئي ٿي رهجي ويا آهن، اهڙن اوليائن ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ، سچل سرمست، قلندر لال شهباز، احمد شاهہ بادشاهہ جيلاني راڻيپور شريف، درگاهہ حضرت لونگ فقير مهيسر لوڙهي وارو خيرپورميرس ۽ سکر ۾ ايران کان آيل سائين سيد صدرالدين شاهہ بادشاهہ پڻ شامل آهي، جيڪو پنهنجي والد امير محمد مکي سان گڏ ايران کان سنڌ ڌرتي تي آيو. سائين سيد صدرالدين شاهہ بادشاهہ جو حسب نسب مولاءِ ڪائنات حضرت علي عليہ السلام جن سان ملي ٿو جيڪو ڪجهہ هن ريت آهي:

حضرت علي السلام بن حضرت امام حسين بن حضرت امام زين العابدين بن





حضرت امام محمد باقر بن حضرت امام جعفر صادق بن حضرت امام موسيٰ ڪاظم بن حضرت امام رضا بن حضرت امام تقي بن حضرت امام نقي بن حضرت جعفر ثاني بن حضرت سيدنا اسماعيل بن حضرت سيدنا عقيل بن حضرت سيد هارون رح بن حضرت جعفر اصغر بن حضرت زيد بن حضرت قاسم رضي بن حضرت محمد ابراهيم مڪي بن صدرالدين شاهه بادشاهه.

سکر شهر ۾ تمام گهڻا اولياءَ الله جا آهن پر حضرت سيد صدرالدين جي درگاهه تمام گهڻي مشهور آهي ۽ درگاهه اندر وڃڻ لاءِ 2 دروازا آهن. هڪ مخصوص عورتن لاءِ ۽ ٻيو مردن جي لاءِ آهي ۽ درگاهه جي احاطي ۾ ئي هڪ مسجد پڻ تعمير ٿيل آهي جتي پنج وقت نماز قائم ٿيندي آهي ۽ ان مسجد جي پر ۾ ئي چلي گاهه به آهي جتي حضرت صدرالدين شاهه بادشاهه ورد وظيفا ۽ چلا ڪاٽيندا هئا ۽ درگاهه جي پرسان ئي هڪ کوهه آهي، پهريان اهو کوهه کليل هوندو هو ۽ هاڻي اهو کوهه ڍڪيل آهي ۽ اها ڳالهه مشهور آهي ته حضرت قلندر لال شهباز جن پرواز ڪيون مٿان وڃن پيا ته سائين صدرالدين شاهه بادشاهه ڪين هيٺ لهڻ لاءِ چيو ۽ قلندر لال شهباز جن هيٺ آيا ۽ سيد صدرالدين شاهه بادشاهه جن قلندر لال شهباز کي چيو ته توهان مٿان پرواز ڪيون وڃو پيا ۽ هينان اسان جون حويليون آهن. توهان پرديءَ جو خيال نه ڪيو تنهن ڪري توهان کي ڏنڊ ۾ 40 ڏينهن اسان جون مٽيون پرڙيون پونديون. ان اسرار تي قلندر لال شهباز سائين صدرالدين شاهه بادشاهه جون 40 ڏينهن تائين ان کوهه مان مٽيون به پريون ۽ ان چلهي ۾ چلا ڪاٽيا ۽ عبادت به ڪئي ۽ پاڻ روحاني علم سان فيضياب به ٿيا.

تنهن ڪري قلندر لال شهباز جا پانڌيڙا جڏهن به سيوهڻ تي پنجاب کان ايندا آهن ته پوءِ سکر ۾ سائين صدرالدين شاهه بادشاهه جي حاضري ضرور ڀريندا آهن ۽ ڌمال پڻ هڻندا آهن ۽ مٽيون به ڀريندا آهن ۽ دعائون به گهرندا آهن. سائين صدرالدين شاهه بادشاهه تمام گهڻو عبادتگذار ۽ متقي هئا.

حضرت صدرالدين شاهه بادشاهه جي فقيرن جو چوڻ آهي ته قلندر لال شهباز ۽ حضرت صدرالدين شاهه بادشاهه جي ڏنڊ ۾ هتي رهيا، ڏنڊ جي ڳالهه اسان نه ٿا ڪيون باقي روحاني علم حاصل ڪرڻ لاءِ لال سائين هتي آيا ۽ ڪجهه وقت هتي قيام ڪيائون ۽ درگاهه جي خدمت ڪيائون ۽ لال شهباز جو سکر ۾ هڪ ٻيو به اوتارو آهي جنهن کي لال مڪان چئجي ٿو جيڪو پراڻي سکر ۾ آهي.

حضرت سيد صدرالدين شاهه بادشاهه جن سکر ۾ اچي ڪري اسلام جي تبليغ ڪئي ۽ مديني واري سائين جي دين جي پڻ خدمت ڪئي ۽ سائين صدرالدين شاهه بادشاهه 2 محرم 727 هجري ۾95 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. سکر شهر ۾ سندن مقبرو آهي ۽ اُتي هميشه واري زندگي لاءِ آرامي آهي.

# انبياء عليهم السلام جي آزمائشن جو مقصد

**نور افشان**

جڏهن اها ڄاڻ ملي ته سڀ کان وڏيڪ مصيبتون ۽ آزمائشون نبي سڳورن تي آيون ۽ اسان اهو به چوندا آهيون ته مصيبتون ۽ آزمائشون ڪيل گناهن سبب اينديون آهن ۽ ملندڙ تڪليفون گناهن جو ڪفارو بڻجي وينديون آهن ته سوال اهو ٿو اُڀري ته نبي سڳورن تي آيل آزمائشن ۽ مصيبتن ۾ ڪهڙي حڪمت آهي ڇو ته اُهي گناهن کان معصوم آهن؟ ان سوال جو مختصر جواب ته اهو آهي ته آزمائشون رڳو گناهن سبب نه اينديون آهن، آزمائشن جو سبب رڳو گناهه نه هوندا آهن پر ان جا ڪيترائي سبب هوندا آهن. تفصيلي جواب ڪي اسان حافظ ابن القيم رحمته الله عليه جي زبان تان نقل ڪريون ٿا، جنهن پنهنجي ڪتاب "بدائع الفوائد" ۾ "سحر و جادو" جي عنوان تي ڳالهه ٻولهه ڪندي ان تي تفصيلي بحث ڪيو آهي ۽ نبي سڳورن تي آزمائشن جا ڪيئي مقصد بيان ڪيا آهن: نبي سڳورن جي آزمائش ٿي:

ته جيئن نبي سڳورا ڪمال ڪرامت جا مستحق بڻجن.

نبي سڳورن ڪانپوءِ ايندڙ ماڻهن لاءِ تسلي جو سامان مهيا ٿئي ڇو ته جڏهن اڳ وارن تي آزمائشون آيون ته پوءِ اُهي انهن نبين تي آيل مصيبتن کي ياد ڪري صبر ڪندا، راضي رهندا ۽ سندن نقشقدم تي هلندا.

ته جيئن ڪافرن جو پلڙو ڳرو ٿي وڃي ۽ دنيا توڙي آخرت ۾ خدا جي طئي ڪيل عذاب جا مستحق بڻجي وڃن ۽ الله تعاليٰ انهن کي عذاب جو موت ڏئي زمين کي پاڪ ڪري.

اُهي انهن آزمائشن جون ڪجهه حڪمتون آهن جيڪي نبين کي سندن قوم طرفان پهتل اذيت ذريعي ٿينديون آهن.





بهرحال وڏيڪ حڪمتون رب پاڻ ڄاڻي ٿو. سڀ کان پهرين انسان يعني ابوالبشر حضرت آدم عليہ السلام جي آزمائش ۽ صبر جو بيان آيو آهي ڇو تہ انسانن تي آيل آزمائشن جو سلسلو انهن کان ئي شروع ٿئي ٿو بلڪ انسانيت جي تاريخ بہ انهي بزرگ شخصيت کان شروع ٿئي ٿي. حضرت آدم عہ کي پيدا ڪرڻ کانپوءِ حڪم ٿيو:

”اي آدم تون ۽ تنهنجي گهرواري هن جنت ۾ رهو ۽ ان ۾ جتان چاهيو مزي سان کائيندا رهو پر هن وڻ جي ويجهو نہ وڃجو“ (64 البقره)

اها سڀ کان پهرين آزمائش هئي جيڪا حضرت آدم عليہ السلام مٿان آئي. ان جو تعلق شرعيہ تڪليف سان آهي، ان کانپوءِ شيطان کي لالچ ڏيڻ جي نتيجي ۾ کين جنت مان نيڪالي ڏني وئي اها ٻي آزمائش هئي. پوءِ دنيا ۾ اچڻ کانپوءِ شرعيہ تڪليف جي آزمائش جو سلسلو شروع ٿي ويو جيڪا سڄي عمر لاءِ هئي. حضرت آدم عہ کي دنيا جي زندگي ۾ اولاد جي صورت ۾ جيڪي آزمائشون پيش آيون اُهي سندن ٻن پٽن هابيل ۽ قابيل جو امتحان آهن، جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ آيل آهي تنهن ڪري سورت مائره ۾ آهي:

۽ (اي محمدصہ) انهن کي آدم عہ جي ٻن پٽن جي حالت (جيڪي بلڪل) سچا (آهن) پڙهي ٻڌاءِ! تہ جڏهن انهن ٻنهي الله تعاليٰ (جي حضور ۾) ڪجھ گهرجن جون درخواستون اُماڻيون، تہ هڪ جي تہ درخواست قبول ٿي وئي ۽ ٻئي جي قبول نہ ٿي (تڏهن قابيل هابيل کي) چوڻ لڳو تہ: ”مان توکي قتل ڪندس. ان (هابيل) چيو تہ: الله پرهيزگارن جي ئي دعا قبول فرمائيندو آهي ۽ جيڪڏهن تون مونکي قتل ڪرڻ لاءِ هٿ ڪڍندين تہ مان توکي قتل ڪرڻ لاءِ توتي هٿ نہ ڪڍندس. مونکي تہ الله رب العالمين کان خوف ٿيندو آهي، مان چاهيان ٿو تہ تون منهنجي گناهن کان پري رهہ ۽ پنهنجي گناهن مان بہ. پوءِ (زمره) دوزخ وارن ۾ هجي ۽ ظالمن جي بہ اها ئي سزا آهي پر هُن جي نفس کيس پاڻ جي قتل جي ئي ترغيب ڏني تہ هُن ان کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ خساري ۾ ويندڙن ۾ شامل ٿي ويو.

تڏهن الله پاڪ هڪ ڪانوَ کي اُماڻيو جيڪو زمين کي کوٽڻ لڳو ته جيئن هُن کي ڏيکاري سگهي ته پنهنجي ڀاءُ جي لاش کي ڪيئن لڪائي. چوڻ لڳو: آه! مونکان ايترو به نه ٿي سگهيو جو ان ڪانوَ جهڙو ٿيان ها ته جيئن پنهنجي ڀاءُ جي لاش کي لڪائي ڇڏيان ها پوءِ هُو پڇتائيندڙن ۾ شامل ٿيو.“

اِها اُها وڏي آزمائش هئي جيڪا حضرت آدم ع کي اولاد جي قتل جي صورت ۾ پيش آئي، جنهن جو واضح ثبوت سوره المائده جي 21 کان 31 آيتن ۾ ملي ٿو جيڪو هڪ قصي جي صورت ۾ الله پاڪ بيان ڪيو آهي.

حضرت آدم ع دنيا ۾ ايندڙ پهريون انسان آهي جنهن جو ذڪر اسان مٿي ڪري چڪا آهيون، هاڻي اسان حضرت نوح ع جو ذڪر ڪريون ٿا جنهن کي آدم ثاني سڏيو ويندو آهي، جنهن جي ڪري بيهر دنيا شروع ٿي. حضرت نوح ع انهن مبارڪ هستين مان هڪ آهي جو جڏهن خاتم النبين جناب حضرت محمد صلي الله عليه وسلم مٿان ڪافرن طرفان تڪليفون وڏي وينديون هيون ته حضور صلعم جي تسلي لاءِ الله رب العزت قرآن جي صورت ۾ حضرت نوح ع جو قصو نازل فرمائيندو هو ڇاڪاڻ ته تڪليفن جو سلسلو جاري رهيو ته قرآن ۾ حضرت نوح ع جو قصو به بار بار ايندو رهيو. سوره هود ۾ ته حضرت نوح ع جي قوم تي عذاب اچڻ جو قصو بيان فرمائي واضح طور صبر جي تلقين ڪئي وئي آهي. حضرت نوح ع تي مشڪلاتن جي صورت ۾ جيڪي آزمائشون آيون، انهن ۾ سڀ کان وڏيون 3 آزمائشون آهن:

1. ساڍا 9 سئو سال نافرمان قوم کي خدا ڏانهن سڏيندو رهيو تنهن ڪري قرآن ڪريم ۾ آهي:

”اسان نوح ع کي ان جي قوم ڏانهن پيغمبر بڻائي اُماڻيو ته هُو انهن ۾ پنجاهه سال گهٽ هڪ هزار سال رهيو.“ (العنڪبوت 14)

”جڏهن ماڻهن نه مڃيو ته نوح ع الله کي عرض ڪيو ته يا پروردگار مان پنهنجي قوم کي ڏينهن رات سڏيندو رهيس پر منهنجي سمجهائڻ باوجود اُهي ويتر لنوائيندا رهيا. جڏهن مون کين چيو ته توبهه ڪريو ۽ الله معاف ڪرڻ فرمائيندو ته انهن پنهنجي ڪنن کي آڱريون ڏئي بند ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ کي ڍڪي ورتو پنهنجي هوڏ ۽ آڪڙ تي بيٺا رهيا پوءِ مان انهن کي کليل طور تي به ٻڌائيندو رهيس، ظاهر ۾ لڪل، هر طرح سمجهائيندو رهيس ۽ کين چيو ته پنهنجي پروردگار کان معافي گهرو! هُو نهايت معاف ڪرڻ وارو آهي. الله توهان تي لڳاتار آسمان تان مينهن وسائيندو ۽ مال ۽ اولاد سان توهان جي مدد فرمائيندو ۽ توهان کي باغ عطا فرمائيندو ۽ انهن ۾ توهان جي لاءِ ڍنڍون وهائي ڇڏيندو.“ (العنڪبوت 8)

ٻي آزمائش حضرت نوح ع مٿان آئي. ڪيس بنجر ۽ ويران ميدان ۾ ٻيڙي ٺاهڻ جو حڪم مليو جنهن تي قوم مٿس ڪلون شروع ڪري ڏنيون پر ان جي باوجود خدا جي حڪم جي پيروي ڪندو رهيو. تنهن ڪري قرآن ڪريم ۾ آهي:

”۽ نوح (عليه السلام) تي وحي نازل ڪئي وئي ته تنهنجي قوم ۾ جيڪي ماڻهو ايمان آڻي چڪا آهن انهن کان سواءِ ٻيو ڪير به ايمان نه آڻيندو ته جيڪو ڪم اُهي ڪري رهيا آهن ان جو ڏک نه ڪر“ (هود 38)

سوره هود جي 38 هين آيت ۾ الله پاڪ پنهنجي نبي ص کي تسلي ڏني آهي ته تون انهن جاهل ماڻهن سبب غم نه ڪر ڇو ته اُهي هدايت نه ماڻيندا، تون پنهنجو ڪم ڪر جيڪو مان چوان ٿو. پوءِ حضرت نوح ع الله جي حڪم سان ٻيڙي تيار ڪئي ۽ پوءِ الله جو حڪم ٿيو ته ان ۾ ويهه ۽ انهن ماڻهن کي گڏ ويهار جن تنهنجي ڳالهه ٻڌي ۽ عمل ڪيو يعني جن الله تي ايمان آندو. تنهن ڪري حضرت نوح ع ايئن ئي ڪيو ۽ جڏهن پنهنجي پٽ ۽ گهرواري کي ايمان آڻي ٻيڙي ۾ ويهڻ جو چيو ته انهن ٻنهي انڪار ڪيو ۽ اُهي الله جي عذاب جي وڪڙ ۾ اچي ويا ۽ اُها حضرت نوح ع جي ٽين وڏي آزمائش هئي جو پنهنجي اکين اڳيان پنهنجي پٽ کي پاڻي جي عذاب ۾ فنا ٿيندي ڏٺائين. ان جو ذڪر سوره هود جي آيت نمبر 43 ۾ هن ريت ڪيو ويو آهي:

”ان پٽ چيو ته مان (هاڻي) جبل تي چڙهي ويندس جيڪو مونکي پاڻي کان بچائيندو. هُن (نوح عليه) فرمايو ته اڄ الله جي عذاب کان ڪير به بچائڻ وارو نه آهي (۽ نه ڪير بچي سگهي ٿو) پر جنهن تي الله رحم ڪري ايتري ۾ ٻنهي جي وچ ۾ لهر اچي وئي ۽ هُو ٻڏي ويو.“

۽ حضرت نوح ع الله طرفان آيل ان ٽين وڏي آزمائش ۾ به ڪامياب ٿي ويو. هتي الله جي نبي سڳورن جو ذڪر ڪري انهن جي آزمائشن ذريعي سندن پختي ايمان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ۽ اِهو ئي اهو اصل سبب آهي جو الله پنهنجي ٻانهن کي آزمائيندو آهي ۽ جيڪو الله جي آزمائش تي پورو لهندو آهي ته ان کي ان مرتبي سان نوازي ڇڏيندو آهي جنهن جو هُن ڪڏهن تصور به نه ڪيو هوندو.

# الله طرفان انسانن کان آزمائشن جو مقصد!

قربان حسين

زندگي ۾ ايندڙ ڏکن ۽ تڪليفن کي اسلام آزمائش جو نالو ڏنو آهي، هر انسان جي زندگي ۾ ڏک ۽ تڪليفون ايندڙ آهن پر جيڪڏهن انسان پنهنجي رب تي يقين رکي ۽ اهو سوچي وٺي تہ اُهي الله جي طرفان آيون آهن ۽ الله پنهنجن ماڻهن کي آزمائيندو آهي، ڪجھ ماڻهن کي تمام گهڻو ڏئي ڪري ۽ ڪجھ کان وٺي ڪري. الله طرفان پنهنجي ماڻهن کي آزمائڻ ئي آزمائش آهي. اسان مان هر ڪنهن پنهنجي زندگي ۾ آزمائش جو لفظ تہ ٻڌو ئي هوندو، اج مان اوهان جي اڳيان آزمائش جي معنيٰ، مفهوم ۽ مقصد تفصيل سان بيان ڪريان ٿو. (آزمائش) جيڪا آزمائڻ لفظ مان ورتل آهي، ان جي معنيٰ اردو ۾ امتحان، جاچ پرک، چنڊڇاڻ آهي، هڪ معنيٰ اها پڻ آهي، اهڙو فعل ۽ عمل جيڪو تجربو ڪرڻ لاءِ هجي ان کي عربي ۾ ابتلاء، امتحان، البلاءُ، امتخاص وغيره جي نالن سان ياد ڪيو ويندو آهي.

دنيا ۾ مومنن کي تڪليفن ۾ مبتلا رکڻ الله تعاليٰ جي سنت آهي ڇو تہ الله ان آزمائش سان پنهنجي ماڻهن کي پرکڻ چاهيندو آهي، ان آزمائش سان تہ الله سبحان و تعاليٰ پنهنجي نبي سڳورن کي بہ معاف ناهي



ڪيو انهن کي بہ هر طرح سان آزمايو ويو. ڪڏهن ايمان ذريعي، ڪڏهن مال ۽ ڪڏهن اولاد جي ذريعي. ايمان جي ذريعي آزمائش ۾ الله تعاليٰ کي اهو پرکڻو هوندو آهي تہ منهنجو ماڻهو پنهنجي ايمان ۾ ڪيترو پختو آهي يا ان جو ايمان ڇڙوڇڙ آهي. جيڪو شخص پنهنجي ايمان ۾ سچو ۽ پختو هوندو آهي تہ اهو ان کي ”ابتلاء“ خدا جي تقدير سمجهي صبر ڪندو آهي ۽ ثواب جي نيت ڪندو آهي. ان جي نتيجي ۾ اهڙن ماڻهن تي اهڙي مصيبت ۾ صبر ڪرڻ آسان ٿي ويندو آهي. تنهن ڪري ڪنهن عابده زاهده عورت جو واقعو ڄاڻايل آهي تہ جڏهن ان جي آڱر ۾ زخم ٿيو تہ ڪيس تڪليف محسوس ٿي، هُن بيقراري جو اظهار نہ ڪيو جڏهن ڪانئس پڇيو ويو تہ هُن جواب ڏنو تہ ”مونکان ان جي اجر جي مناڻ ان جي صبر جي ڪوڙاڻ وساري ڇڏي.“ اهو تقدير تي ايمان جو نقد فائدو آهي. هونئن تہ مال الله جي نعمتن مان هڪ نعمت آهي جنهن کي الله ڏيندو آهي تہ اهو ڪجهہ ڏيندو آهي ۽ جنهن کي گهٽ ڏيندو آهي يا ضرورت موجب ڏيندو آهي تہ هُو پوري زندگي شڪايتون ڪندي گذاري ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن غور ڪيو وڃي تہ اهو مال الله جي هڪ وڏي آزمائش آهي جو تہ قيامت جي ڏينهن هر پيسي جو حساب ڏيڻو آهي، ڪٿان ورتو ۽ ڪٿي خرچ ڪيو،اهو ئي اهو مال آهي جيڪو ماڻهن کي تقسيم ڪرڻ جو سبب بڻجندو آهي، اهوئي اهو اهم محور آهي جنهن جي چوڌاري انهن جا معاملا ۽ جهيڙا گهمندا آهن. الله سبحان و تعاليٰ انهن سيني ڳالهين باوجود چاهيندو آهي تہ انسان رزق، نعمت ۽ فضل و عطا ۾ فقط ساڻس رابطو قائم ڪن، سندس عطا تي قناعت ڪن ۽ سندس قدر و قضا تي راضي رهن. گويا مال صرف الله جو آهي، اسان کي هُن فقط نائب بڻايو آهي، مال جي محبت ماڻهن تي حاوي ٿي چڪي آهي. جيئن حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم فرمايو: ”جيڪڏهن بني آدم وٽ سون جي هڪ کاڻ هجي تڏهن بہ هُو تمنا ڪندو تہ وٽس سون جون بہ کاڻيون هجن ها! ۽ ابن آدم جي اک کي مٽي ئي پري سگهي ٿي ۽ الله تعاليٰ انهن ڏانهن ڌيان ڏيندو آهي جيڪي توبهن ڪندا آهن.“

انسان جي آزمائش جهڙي ريت تڪليف، ڏکن، بک ۽ ملڪيت ۾ گهٽتائي سان ٿيندي آهي اهڙي طرح دينوي انعام ۽ دنياجي آزمائشن جي واڌاري سان بہ ٿيندي آهي. ان سلسلي ۾ سوره اعراف جي هي آيت بيان ڪريان ٿو:

” وَبَلَوْنَاهُم بِالْحَسَنَاتِ وَالسَّيِّئَاتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ “ 53

(الله عزوجل فرمائي ٿو: اسان آسائشن، تڪليفن (ٻنهي) کان انهن ماڻهن جي آزمائش ڪئي! تہ جيئن اُهي (اسان ڏانهن) اچن)

دنيا جي ساز ۽ سامان جو هٿ اچڻ خدا وٽ انسان جي مقبول ۽ پسنديده هجڻ جي نشاني نہ آهي، جيڪڏهن اهڙي ڳالهہ هجي ها تہ دنيا جو ساز ۽ سامان سڀ کان وڌيڪ انبياءِ ڪرام ع وٽ هجي ها. جيتوڻيڪ اهو ڏنو ويو آهي تہ دنيا جو ساز ۽ سامان گهڻو تڻو خدا جي باغين وٽ هوندو آهي، انعامن ۽ تحفن جي ذريعي آزمائش ٿيڻ جو ذڪر قرآن ڪريم جي آيتن ۾ ٽن قسمن جي شخصيتن جي زندگي ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هڪ حضرت سليمان ع، ٻيو قارون ۽ ٽيون اصحاب الخبتہ (باغ وارن) جي زندگي ۾.

قرآن پاڪ ٻڌائي ٿو تہ حضرت سليمان ع کي دنيا ۾ جيڪا عظيم سلطنت ۽ مملڪت ملي تہ هُن ان کي خدائي آزمائشن سان تعبير فرمايو ۽ ان بابت جيڪي سندن خيال آهن انهن کي قرآن پاڪ سوره نمل اندر ( 56) آيت ۾ بيان ڪيو آهي. قارون جو قصو الله پاڪ انعامن ذريعي آزمائش جو هڪ مثال بڻائي پيش ڪيو آهي. علم وارن جو جنهن آزمائش سان واسطو پوندو آهي اُها آزمائش علم ذريعي هوندي آهي پوءِ علم ذريعي آزمائش ٻن حصن ۾ تقسيم ٿيندي آهي. علم پرائڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ علم جي حاصلات جيڪا هڪ عبادت آهي بلڪ لاڳاپل معاملن جو شرعي علم فرض آهي پر ان ۾ بہ تڪليفن مان گذرڻو پوندو آهي، اها بہ هڪ آزمائش آهي تہ انسان ان فرض کي پورو ڪرڻ ۾ رڪاوٽون برداشت ڪندو آهي يا نہ. ان آزمائش ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ صبر ڪرڻ جي حديثن ۾ وڏي ترغيب آيل آهي. ”آنحضرت ص فرمايو: جنهن ڪنهن مومن جي دنيا جي تڪليفن مان ڪائي تڪليف ختم ڪئي تہ الله ان مٿان قيامت جي تڪليفن مان ڪا وڏي تڪليف ختم ڪري ڇڏيندو.“

قرآن پاڪ مان ڄاڻ ملي ٿي تہ الله پاڪ عالم ارواح ۾ جيڪي 3 وعدا انسانن کان ورتا هئا انهن مان هڪ اهو آهي جيڪو عالمن کان هو جنهن ۾ آهي تہ ”توهان ماڻهن تائين علم پهچائيندئو ۽ علم کي پاڻ تائين محدود نہ رکندئو.“ خدا جي مخلوق ۾ بادشاهن جي بہ آزمائش ٿيندي آهي، انهن جي آزمائش جو هڪ حصو تہ اهو آهي جنهن ۾ هو عوام سان گڏ آهن پر هڪ حصو اهو آهي جو خاص



انهن جي آزمائش جو آهي. حڪومت وارن جي هڪ آزمائش اها آهي تہ اُهي ماڻهن وچ ۾ خدا جي اُماڻيل حڪمن موجب فيصلا ڪندا آهن يا پنهنجي من ماني ڪندا آهن. حڪمن جي آزمائش جي هڪ صورت اها بہ آهي تہ درپيش مسئلن ۾ ظلم کان بچندي مشاورت کان ڪم وٺن. دنيا ۾ مومن کي ڪثرت سان عبادت باوجود مصيبتن ۾ ڦاٿل ڏسندي ۽ ڪافر قومن کي مدهوش ڏسڻ سان ظاهر ۾ هڪ تعجب ۽ شڪ پيدا ٿيندو آهي تہ آخر اهو ڇا ٿي رهيو آهي؟ ان جو جواب ٿورو تفصيل طلب آهي تنهن ڪري ان حوالي سان 3 دليل پيش ڪيا پيا وڃن:

1: مومن مٿان مصيبتن جو اچڻ دليل آهي خدا طرفان ڀلائي اچڻ جو ارادو ٿيڻ جو. تنهن ڪري ارشاد نبوي آهي:

جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي بندي سان بهتري جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان کي دنيا ۾ جلدي سزا ڏيندو آهي ۽ جڏهن پنهنجي بندي سان برائي جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان مٿان گناهن جي سزا روڪي ڇڏيندو آهي تہ جيئن قيامت جي ڏينهن ان کي پوري سزا ڏئي. (رواه الترمذي)

2: ان آزمائش ذريعي الله رب العزت انسان کي ان اعليٰ مقام تي پهچائڻ چاهيندو آهي جيڪو ان جي لاءِ مقدر بڻجي چڪو آهي. مصيبت ذريعي آيل آزمائش الله تعاليٰ جي محبت جي نشاني آهي، دليل قرآن مجيد جي هي آيت سڳوري آهي:

”چئو تہ اي منهنجا ماڻهو جيڪو ايمان آندو اٿوَ پنهنجي پروردگار کان ڊڄو! جن هن دنيا ۾ نيڪي ڪئي انهن لاءِ ڀلائي آهي ۽ الله تعاليٰ جي زمين ڪشادي آهي جيڪي صبر ڪرڻ وارا آهن انهن کي تہ اڻ ڳڻيو ثواب ئي ملندو.“ (الزمر 10)

3: آزمائش ۽ مصيبت ذريعي ماڻهن جا گناهہ معاف ڪرڻ مقصد هوندو آهي گناهن جي نتيجي ۾ ايندڙ آزمائش مستقبل ۾ ماڻهو کي محتاط رهڻ ۽ تقويٰ اختيار ڪرڻ جو سبب بڻجندي آهي. تنهن ڪري ترمذي شريف جي حديث آهي: ”الله جي نبي ﷺ فرمايو: ثواب ۾ واڌ مصيبت ۽ آزمائش جي وڌڻ سان ٿيندي آهي ۽ جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن قوم سان محبت ڪندو آهي تہ ان کي آزمائشن ۾ مبتلا ڪندو آهي پوءِ جڏهن راضي رهيو تہ ان لاءِ رضامندي آهي ۽ جيڪو ناراض ٿيو تہ ان لاءِ ناراضگي آهي“ (ترمذي)

مٿي ڏنل حديث مبارڪ ۽ آيت ڪريمہ مان اها ڳالهہ تہ واضح ٿي وڃي ٿي تہ آزمائش ۽ مصيبت ذريعي انسان جا گناهہ معاف ڪرڻ مقصد هوندو آهي.

# سنڌ جي عظيم سائنسدان
# ايم ايڇ پنهور جي ياد ۾ هڪ اداري جو قيام

شبير احمد مغيري



سنڌ ۾ آبپاشي، زراعت، تاريخ، جاگرافي، معيشت ۽ جر جي پاڻيءَ بابت سائنسي انداز ۾ تحقيقي، عملي ۽ علمي ميدان ۾ اڪيلي سر ادارن جيترو ڪم ڪندڙ ايم ايڇ پنهور جو جنم 25 ڊسمبر 1925ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ ابراهيم ڪڇيءَ ۾ ٿيو. سندس پورو نالو محمد حسين پنهور هو ۽ سندس والد جو نالو حاجي هو.

ايم ايڇ پنهور سنڌ يونيورسٽيءَ ڪراچيءَ مان 1949ع ۾ مڪينيڪل ۽ اليڪٽريڪل ۾ بي اي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي. ان کانپوءِ هن آمريڪا جي يونيورسٽي آف وسڪانسن مان 1953ع ۾ ايم ايس سي جي ڊگري حاصل ڪئي. ڪيس جر جي پاڻيءَ کي ٽيوب ويلن رستي واڏاري، سڏاري، سم ۽ ڪلر جي روڪٿام، زميني ۽ موسمي چرپر ۽ زرعي مشينري جي استعمال جي ڪيتر ۾ مهارت حاصل هئي.

ايم ايڇ پنهور 1953ع کان 1958ع دوران زرعي انجنيئر طور ۽ بعد ۾ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سپرنٽنڊنگ انجنيئر طور ذميواريون نڀايون. هن سنڌ ۾ زرعي زمينن جي سنوَت لاءِ 600 بلڊوزر هلرايا، ٽريڪٽرن جا ڪيترائي مرمتي ورڪشاپ قائم ڪرايا، 3000 جي لڳ ڀڳ ٽيوب ويل لڳرايا، ڪيترائي کوه کوٽرايا، جر جي پاڻيءَ بابت




سروي ڪرائي. هن سنڌ ۾ جر جي پاڻيءَ جي سطح، تاريخ، جاگرافي ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعن تي ڪتاب لکيا جيڪي سگهاري ۽ سائنسي استدلال سبب سند جو درجو رکن ٿا.


پنهور صاحب رٽائرمينٽ بعد هڪ زرعي سائنسدان جي حيثيت ۾ ٽنڊوڄام پرسان هڪ زرعي فارم قائم ڪري موسمي توڙي غير موسمي ميون ۽ ڀاڄين جي پوکي ۽ آبادي جي حوالي سان نهايت غير معمولي ۽ ڪامياب تجربا ڪيا. ڪيس سندس غير معمولي خدمتن سبب ڪيترائي انعام ۽ اعزاز ڏنا ويا. ايم ايڇ پنهور 21 اپريل 2007ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.

ايم ايڇ پنهور جي لائق فرزند سني پنهور جي ڪوشش سان تازو هڪ ادارو ”ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز“ جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي. هن اداري قائم ڪرڻ جو مقصد سنڌ بابت تاريخي ۽ ناياب ڪتابن کي اسڪين ڪري ويب سائيٽ تي رکڻ ۽ انهن کي محفوظ بڻائڻ ۽ شايع ڪرڻ ٻڌايو وڃي ٿو. تازو 18 جنوري 2023ع تي هن اداري جو افتتاح ڪيو ويو. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هن اداري جو افتتاح ڪيو. هن تقريب ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، ثقافت کاتي جي وزير سيد سردار علي شاهه، نالي واري ليکڪ مهتاب اڪبر راشدي، سيڪريٽري ڪلچر، چيئرمين ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز ۽ ٻين ويب سائيٽ جو افتتاح ۽ ٽن ڪتابن جي مهورت ڪئي وئي. ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽيڊيز جي چيئرمين سني پنهور پاران منعقد ڪيل هن شاندار تقريب ۾ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر محمد صديق ڪلهوڙو، مهراڻ يونيورسٽي جي وي سي پروفيسر طلحا، لمس جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر اڪرام الدين اجڻ، شهيد الله بخش

آرٽس يونيورسٽي جي وي سي پائي خان شر، سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي وي سي فتح محمد مري، پروفيسر اعجاز قريشي، پروفيسر محمد اسلم عقيلي، ڊاڪٽر ايوب شيخ سميت ناليوارن اديبن، دانشورن، استادن، محققن ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ ٻڌايو ويو ته ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز طرفان هينئر تائين ڪيترن ئي تاريخي ۽ ناياب ڪتابن، تاريخي نقشن، تحقيقي مقالن ۽ ڪالمن کي اسڪين ڪري انهن کي ويب سائيٽ تي اپلوڊ ڪيو ويو آهي. 4 هزار ڪان وڌيڪ ڪتاب ڊجيٽلائيز ڪيا ويا آهن. ان دوران تقريب ۾ شريڪ تعليمدانن توڙي اديبن، ليکڪن ۽ ساڃاهه وندن جو چوڻ هو ته ناياب ڪتابن کي ڊجيٽلائيزڊ ڪرڻ سان محققن توڙي ڪتاب پڙهڻ سان چاهه رکندڙن کي تمام گهڻو فائدو ٿيندو. جڏهن ته تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ ادارا ته موجود آهن پر انهن کي هلائڻ لاءِ ماڻهو موجود ناهن. ايم ايڇ پنهور جي تحقيق سنڌ توڙي پاڪستان کي تمام گهڻا فائدا ڏنا آهن، جنهن جي نالي تي سني پنهور هي ادارو کولي سنڌ جي خدمت ڪرڻ جو اتساهه ڏياريو آهي. ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز اهو ڪم ڪري رهيو آهي جيڪو يونيورسٽين خاص طور تي سنڌ يونيورسٽي جي سنڌيالوجي کي ڪرڻ گهربو هو. هن اداري جي جڙڻ سان سنڌ جي نوجوانن کي اڃا وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جو موقعو ملندو. سيد مراد علي شاهه جو چوڻ هو ته سنڌ ۾ ايم ايڇ پنهور جهڙا تحقيق ڪندڙ ماڻهو ناهن رهيا، جيڪڏهن ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز پنهنجو ڪم شروع ڪيو ته سنڌ نوان ايم ايڇ پنهور پيدا ڪندي. هن چيو ته ايم ايڇ پنهور ۾ تعليم جي حاصلات جو شوق هو. مان ڪيس 80 سال جي ڄمار ۾ ڏٺو اهو جذبو اڄ نوجوانن ۾ ناهي. هن چيو ته اسين سنڌ تي ڪتاب ته لکون ٿا پر سنڌ جي ترقي ۾ اسانجو ڪيترو حصو آهي اهو اسان کي پاڻ سوچڻو پوندو. سيد مراد علي شاهه چيو ته منهنجي ملاقات ايم ايڇ پنهور سان 2005ع ۾ ٿي هئي. ملاقات دوران پنهور صاحب مونکي پنهنجا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا، مون اهي ڪتاب پڙهيا، سني پنهور پنهنجي والد جي ڪتابن کي ڊجيٽلائيز ڪري رهيو آهي، سني پنهور شهيد ڀٽو جا ڪتاب به ڊجيٽلائيز ڪري پوري دنيا تائين پهچايا. مونکي 15 سال حڪومت ۾ ٿيڻ تي آهن ۽ تعليم جي بهتري لاءِ اسان وٽ پئسا مسئلو ناهي، بلڪ هيومن ريسورس جي کوٽ آهي. هن چيو ته اسين ڏينهون ڏينهن انساني وسيلن ۾ پوئتي ٿيندا پيا وڃون، اڄ اسان ۾ ايم ايڇ پنهور جو نٿو پيدا ٿئي ۽ اسان جو تعليمي معيار گهٽ ٿي ويو آهي، جنهن جي شڪايت مان هتي موجود وائيس چانسلر ۽ ماهرِ تعليم سان ڪري رهيو آهيان. هن چيو ته ايم ايڇ پنهور صاحب موسمي تبديلين جي حوالي سان جيڪو ڪتاب لکيو آهي ان جي اهميت ٻوڏ ۾ اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. چيو ته مان انجنيئر ته آهيان پر مونکي پاڻي ۽ آبپاشي ۾ ايم ايڇ پنهور سمجهه ڏني، وڏي وزير چيو ته يونيورسٽيز کي هلائڻ لاءِ انتظامي مهارت گهرجي. وڏي وزير وڌيڪ چيو ته ايم ايڇ پنهور زراعت ۾ ميڪانائيزيشن جو تعارف ڪرايو ايم ايڇ پنهور جي انسٽيٽيوٽ کي هر طرح سان سپورٽ ڪنداسين. سردار شاهه صاحب کي اها ذميواري ڏيان ٿو ته ان انسٽيٽيوٽ کي اڳيان وڌائي. وڏي وزير چيو ته آئون سني پنهور جو شڪرگذار آهيان جنهن مونکي ان انسٽيٽيوٽ ۾ گهرايو. انسٽيٽيوٽ جي چيئرمين سني پنهور پنهنجي تقرير ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ٻين جو ٿورو مڃيندي چيو ته هن وقت تائين ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ 4 هزار کان وڌيڪ ڪتاب اسڪين ڪندي ڊجيٽلائيز ڪري محفوظ بڻايا آهن، جڏهن ته ڪتابن جي اسڪيننگ کان سواءِ ايريگيشن، روينيو ريلوي ۽ ٻين ادارن جو رڪارڊ به هن ويب سائيٽ تي محفوظ ڪنداسين، جنهن سان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويٺل تحقيقدان تمام آساني سان فائدو حاصل ڪري سگهندا. منهنجي والد ايم ايڇ پنهور جون سنڌ ۾ تعليم ۽ زراعت تي وڏيون خدمتون آهن. صوبائي وزير سردار علي شاهه چيو ته ايم ايڇ پنهور زراعت، آبپاشي ۽ انساني ارتقاءَ تي جيڪا تحقيق ڪئي، ان جو مثال نٿو ملي. هن چيو ته سني پنهور هڪ قابل ۽ فرمانبردار اولاد جو حق ادا ڪندي پنهنجي والد جي نالي تي انسٽيٽيوٽ قائم ڪيو. هن چيو ته جيڪڏهن سنڌ يونيورسٽي جي سنڌيالاجي پنهنجو ڪم ڪري ها ته اڄ ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ قائم نه هجي ها. تقريب کي خطاب ڪندي مهتاب اڪبر راشدي چيو ته ايم ايڇ پنهور جي شخصيت جا تمام گهڻا پهلو آهن ۽ اڄ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز جو بنياد رکي هڪ تعليمي جنت جو آغاز ڪيو آهي.

# جڳ مشهور ترقي پسند شاعر فيض احمد فيض

عطا حسين زين سولنگي



جڳ مشهور شاعر فيض احمد فيض 13 فيبروري 1911ع ۾ سيالڪوٽ شهر ۾ پيدا ٿيو سيالڪوٽ شهر نامياري شاعر علامه اقبال جي پيدائش جو شهر به آهي. پوري دنيا فيض کي فيض احمد فيض جي نالي سان سڃاڻي ٿي، اهڙا شاعر صدين ۾ ٻولي ۽ زبان کي نصيب ٿيندا آهن. فيض اردو جو وڏو شاعر آهي، فيض اسان جي ملڪ جو اهو شاعر آهي جنهن کي پوري دنيا عزت جي نگاهه سان سڃاڻي ٿي. فيض عربي ۽ فارسي جي تعليم شمس العلماءَ ميرحسن کان حاصل ڪئي جيڪو پنهنجي وقت جو هڪ تمام وڏو عالم هو جيڪو پڻ علامه اقبال جو استاد رهي چڪو هو. فيض مئٽرڪ اسڪاچ مشن هاءِ اسڪول سيالڪوٽ مان فرسٽ ڊويزن ۾ ڪئي، مري ڪاليج سيالڪوٽ مان انٽرميڊئيٽ پاس ڪرڻ کانپوءِ فيض لاهور اچي ويو. اتي گورنمينٽ ڪاليج لاهور ۾ داخلا ورتي جتان هُن بي اي، پوءِ اردو ۽ انگريزي ادب ۾ ايم اي ڪيائون. فيض لاهور مان تعليم وٺڻ بعد ملازمت جي تلاش ڪئي، ان دوران ڪيس امرتسر مئو ڪاليج ۾ انگريزي ادب جو استاد مقرر ڪيو ويو.

فيض ڪجهه تنهائي پسند، شرميلو ۽ ڪم سخن نوجوان هو. شاعريءَ جو آغاز هو شاگردي دور کان ڪري چڪو هو. سندس

شاعري اردو جي رسالن ۾ شايع ٿيندي هئي ۽ مشاعرن ۾ شوق سان شاعري پڙهي داد حاصل ڪندو هو جڏهن هو شاعري ڪندو هو تہ پهريان پنهنجن دوستن کي ٻڌائيندو هو. جيڪڏهن سندس دوستن کي اها شاعري پسند ايندي هئي تہ پوءِ هو مشاعرن ۾ شعر پڙهندو هو. ان زماني ۾ فيض جي شاعري دنيا جي ادب ۾ هڪ هلچل پيدا ڪري ڇڏي هئي، دهلي ۽ لکنئو ۾ ماڻهو هڪٻئي کان حيرت ۾ پڇندا هئا تہ هيءُ نئون شاعر ڪير آهي جنهن جي شاعريءَ جا موضوع ايترا نوان ۽ پختا آهن جنهن جي شاعريءَ ۾ هڪ انقلابي رنگ سمايل آهي.

امرتسر ۾ فيض جي ملاقات ڊاڪٽر دين محمد تاثير سان ٿي جيڪو مئو ڪاليج ۾ پرنسپال هو۽ هو فيض جو هم خيال هو. ڊاڪٽر تاثير انهن ڏينهن ۾ انگلستان مان واپس آيو هو. ڊاڪٽر تاثير سان فيض جي گهري دوستي ٿي ويئي ۽ هو ان جي گهر ايندو ويندو رهندو هو جتي انهن جي ملاقات ايلس سان ٿي، جنهن ملاقات فيض جي زندگي بدلائي ڇڏي. فيض 1941ع ۾ ايلس سان شادي ڪئي جنهن مان ڪيس ٻہ نياڻيون سليمہ ۽ منيزه ڄايون.

1946ع ۾ ميان افتخارالدين جي قائم ڪيل اشاعتي اداري پروگريسيو پيپرز لميٽيڊ طرفان جاري ڪيل روزاني پاڪستان ٽائيمز جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. سندس ايڊيٽر هجڻ دوران ان اخبار تمام گهڻي مقبوليت ماڻي، ماڻهو هر صبح پاڪستان ٽائيمز جو انتظار ڪندا هئا جنهن ۾ فيض جو لکيل ايڊيٽوريل پڙهڻ لاءِ ملندو هو. پاڪستان نهڻ کانپوءِ فيض انهيءَ اداري جي انتظام هيٺ روزاني" امروز ان" کانپوءِ هفتيوار "ليل و نهار" جاري ٿيو تہ فيض انهن ٽنهي ادارن جو چيف ايڊيٽر مقرر ٿيو. انهيءَ دوران فيض ٽريڊ يونين فيڊريشن جو نائب صدر پڻ مقرر ٿيو ۽ مزدورن جي اڳواڻ جي حيثيت سان آل ايل او جي جنيوا اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. فيض کي 1951ع ۾ گرفتار ڪيو ويو. ڪيس سرگودا، لائل پور ۽ حيدرآباد جي جيلن ۾ قيد رکيو ويو. سيپٽمبر 1955ع ۾ ڪيس آزادي ملي، هڪ دفعو ٻيهر بہ فيض کي





گرفتار ڪيو ويو هو پوءِ اپريل 1959ع ۾ ڪيس آزادي ملي هئي. فيض قيد ۾ هوندي بہ شاعري ڪندو رهيو.

فيض مزدور، محنت ڪش، هارين ۽ ٻين طبقن جي ڏک ۽ غم جي سچي ترجماني ڪئي. 1964ع ۾ فيض کي حڪومت روس جي طرفان " لينن امن "انعام مليو جناب ذوالفقار علي ڀٽو ان وقت ملڪ جو پرڏيهي وزير هو صرف شهيد ڀٽو واحد شخص هو جنهن فيض کي ان انعام ملڻ تي مبارڪباد ڏني. فيض نيشنل ڪائونسل آف آرٽس جو چيئرمين رهيو پوءِ هو اسلام آباد ۾ رهڻ لڳو اتي ايلس فيض پاڪستاني دستڪاري کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪم ڪيو ان دور ۾ فيض چائنہ جو دورو بہ ڪيو. فيض جي اها نوڪري ايترو وقت نہ هلي سگهي بعد ۾ فيض ڪراچي هليو آيو جتي هن ڪراچي جي پراڻي ۽ تاريخي علائقي لياري جي ڪڏا مارڪيٽ ۾ حاجي عبدالله هارون ڪاليج ۾ پرنسپال طور ملازمت ڪئي، اڄ بہ اهو ڪاليج "حاجي عبدالله هارون گورنمينٽ ڪاليج ڪڏا لياري ڪراچي" جي نالي صبح ۽ شام واري شفٽ ۾ هلي ٿو. ان ڪاليج ۾ منهنجو وڃڻ جو اتفاق ايئن ٿيو تہ منهنجو مامو مرحوم پروفيسر محمد ابراهيم سولنگي ان ڪاليج جي شام واري شفٽ ۾ پرنسپال مقرر ٿيو، مان انهن سان ملڻ لاءِ اتي آفيس ۾ ويس تہ پرنسپالز واري بورڊ تي فيض احمد فيض جو نالو پڙهي بيحد خوشي ٿي هئي، نالو پڙهي مامي واري آفيس پهتس تہ مان بي اختيار مامي کي چيم تہ " ماما اڄ ان

ڪاليج ۾ پرنسپل واري چيئر تي آهيو جنهن تي ملڪ جو ناليوارو شاعر فيض احمد فيض رهيو آهي. ” مامي چيو ته معنيٰ مان خوشنصيب آهيان ان ڪاليج ۾ پهتو آهيان جتي فيض پنهنجون خدمتون ڏنيون. مامي وڌيڪ چيو ته پاڻ هن ڪاليج جي حال ۾ فيض تي ڪو پروگرام ڪيون. مان هائوڪار ڪئي، ايئن اسان بلڊنگ جي سيڪنڊ فلور تي ٽيچرس اسٽاف روم ۾ وياسون جتي ناليواري اديب ۽ ليڪ پروفيسر منظور حسين کهڙو سان ملياسين. ان ڏينهن پورا به ڪلاڪ اسان فيض تي پروفيسر منظور کهڙي کي ٻڌوسون. واهه جي معلومات ڏنائون ۽ سندس شاعري به ٻڌايائون.

فيض صاحب انهن تمام انسانن سان محبت ڪندو هو جيڪي پاڻ هنر ۽ محنت سان هن دنيا کي هلائيندا آهن. فيض جي دلي آرزو صرف اها هئي ته دنيا کي سنوارڻ وارا ماڻهو بدحال نه رهن اهي عزت ۽ خوشحاليءَ سان پنهنجي زندگي گذارين. فيض جي پوري زندگي ۽ شاعري جدوجهد سان سلهاڙيل آهي ۽ فيض صاحب امن ۽ محبت جو شاعر هو. هيءَ هڪ انسانيت ۽ دنيا سان گهري محبت ڪرڻ وارو شاعر هو جتي انسان پنهنجي ناداني جي ڪري دنيا جي حسن کي تباهه ڪندا هئا ۽ هڪٻئي سان ظلم ڪندا هئا ته فيض جي دل تڙپي اٿندي هئي، هن واقعن ۽ منظرن کي به پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو. هن پنهنجي قلم ۽ ڪمال جي فن سان پڙهڻ وارن جي دل ۾ به محبت ۽ اتساهه پيدا ڪيو. فيض پنهنجي زندگيءَ ۾ صلح پسند هو ڪنهن به انسان سان نفرت نه ڪندو هو. فيض جي ڪتابن جا نالا هن ريت آهن: نقش فريادي 1941ع، دستِ صبا 1953ع، زندان نامه 1956ع، دست تهه سنگ 1965ع، سروادِيءَ سينا 1971ع، شامِ شهر ياران 1979ع، مِري دل مِري مسافر 1981ع. انهن کان علاوه فيض نثر ۾ هن جي مضمونن جو هڪ ڪتاب ” ميزان “ 1956ع ۾ شايع ٿيو هو. جيل مان لکيل خطن تي مشتمل ڪتاب ” صليبين مِري دريچي مين “ ۽ ” مه و سال آشنائي “ جي نالن سان شايع ٿيا هئا. ان جي ڪليات ” نسخه هائي وفا“ جي نالي سان 1984ع ۾ شايع ٿي جنهن ۾ ڪجهه اهڙا به نظم آهن جيڪي پهريان ڇپيل نه هئا. فيض جي شاعريءَ کي ڪيترن ئي مقبول ۽ معروف فنڪارن ڳايو آهي جن ۾ مهدي حسن، فريده خانم ۽ اقبال بانو وغيره شامل آهن. نورجهان سندس هڪ بهترين نظم کي ڳايو آهي جنهن جو پهريون مصرعه آهي :

مجھ سي پهلي سي محبت مري
محبوب نه مانگ

فيض احمد فيض پنهنجي نظم ” بهار آئي “ ۾ پنهنجون يادون، پنهنجا گذاريل ڏينهن ۽ موسم جو عڪس نهايت خوبصورت انداز ۾ سمويو آهي :

بهار آئي
بهار آئي تو جيسے يک بار
لوٹ آئے ہیں پھر عدم سے





وہ خواب سارے شباب سارے
جو تیرے ہونٹوں پہ مر مٹے تھے
جو مٹ کے ہر بار پھر جئے تھے
نکھر گئے ہیں گلاب سارے
جو تیری یادوں سے مشکبو ہیں
جو تیرے عشاق کا لہو ہیں

ابل پڑے ہیں عذاب سارے
ملال احوال دوستاں بھی
خمار آغوش مہ وشاں بھی
غبار خاطر کے باب سارے
ترے ہمارے
سوال سارے جواب سارے

بہار آئی تو کھل گئے ہیں
نئے سرے سے حساب سارے

نامياري شاعر فيض احمد فيض پنهنجي شاعريءَ ۾ رومانيت جو پڻ رنگين نوع ۾ بيان ڪيو آهي. فيض جو هيءُ نظم بہ ڪمال جو نظم آهي :



ڪچھ عشق ڪيا ڪچھ ڪام ڪيا
ڪچھ عشق ڪيا ڪچھ ڪام ڪيا
وہ لوگ بہت خوش قسمت تھے
جو عشق کو کام سمجھتے تھے
یا کام سے عاشقی کرتے تھے
ہ جیتے جی مصروف رہے
ڪچھ عشق ڪيا ڪچھ ڪام ڪيا
کام عشق کے آڑے آتا رہا
اور عشق سے کام الجھتا رہا
پھر آخر تنگ آ کر ہم نے
دونوں کو ادھورا چھوڑ دیا

فيض احمد فيض جي شاعريءَ ۾ انقلاب جون جهلڪيون، تبديليءَ جا خيال پڻ اعليٰ نموني جا آهن، جيئن فيض چوي ٿو ته:

لازم ہے کہ ہم بھی دیکھیں گے
وہ دن کہ جس کا وعدہ ہے
جب ظلم و ستم کے کوہ گراں
روئی کی طرح اڑ جائیں گے
سب تاج اچھالے جائیں گے
سب تخت گرائے جائیں گے
گونجے کا اناالحق کا نعرہ
جو میں بھی ہوں اور تم بھی ہو
اور راج کرے گی خلق خدا
جو میں بھی ہوں اور تم بھی ہو

فيض احمد فيض هڪ انسانيت سان محبت ڪندڙ شاعر هو ۽ پڙهڻ وارن جي دل ۾ امن ۽ محبت جا جذبا جاڳائيندڙ شاعر هو جتي انسان پنهنجي اڻڄاڻائي ۽ غفلت سان سماج جي حسن کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي اتي فيض احمد فيض ڪنهن به انسان سان نفرت نه ڪرڻ جو درس ڏيئي ٿو هو انسانيت پرست شاعر هو هن جي شاعريءَ ۾ انساني درد ملي ٿو:

اک کڑا درد کہ جو گیت میں ڈھلتا ہی نہیں
دل کے تاریک شگافوں سے نکلتا ہی نہیں

فيض جي شاعريءَ لکين ماڻهن جي دلين کي متاثر ڪيو. فيض پنهنجي شاعريءَ ذريعي اڄ به مقبول آهي. فلسطين جو انقلابي شاعر محمود درويش پڻ اردو ٻوليءَ جي عظيم ۽ ترقي پسند شاعر فيض احمد فيض جي ويجهو رهيو. توڙي جو هو فيض صاحب کان ٽيهه سال ننڍو هو پر پوءِ به فيض هن جي شاعراڻي عظمت جو اعتراف ڪندو هو ۽ سندس عزت ڪندو هو. ثقافت کاتي حڪومت سنڌ سال 2012ع ۾ ان وقت جي صدر پاڪستان جناب آصف علي زرداري جي خصوصي اسرار تي فيض احمد فيض جي ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي ڇپرائڻ جو مرحلو شروع ڪيو. جنهن سلسلي ۾ ڪتاب "ڪي وسرن نه مور" فيض جي يادگيرين تي مشتمل ڪتاب آهي جنهن جو ترجمو ڊاڪٽر سحر امداد حسينيءَ ڪيو آهي اهو شاندار ڪتاب سال 2012ع ۾ ڇپيو. مان سمجهان ثقافت کاتي حڪومت سنڌ اهو بهتر ڪم ڪيو جو فيض جي ڪتابن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپرائڻ جو وچن ڪيو آهي. اردو شاعريءَ جو هيءُ مايا ناز ترقي پسند شاعر نومبر 1984ع ۾ وڇڙي ويو.

# شيخ مبارڪ سنڌي:
# سنڌ مان هند ڏانهن لڏي ويل هڪ گمنام عالم

مرزا ڪاظم رضا بيگ

سنڌ جي عظيم خطي مان هر دور ۾ عالم ۽ فاضل پيدا ٿيا آهن، جن مان ڪن هجرت ڪري ويجي ٻيا ملڪ وسايا ۽ اتي ويجي ڪري اهڙا تہ سنا ڪارناما ڏيکاريا جو نہ فقط پنهنجو نالو ڪڍيائون پر سنڌ جو ٻہ منهن مٿي ڪيائون. ڏٺو ويجي تہ نهايت قديم دور کان وٺي سنڌ جي عالمن، ايران، عراق، افغانستان، شام، عرب، مصر، اناطوليہ، انڊونيشيا ۽ چين تائين وڃي تهذيب ۽ تمدن ۽ علم ۽ ثقافت جي شعبن ۾ اهم ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. شيخ مبارڪ سنڌي ٻہ انهن عالمن مان هڪ هو جنهن تاريخ 6 محرم الحرام سن 950هہ مطابق 10_11 اپريل سن 1753ع تي آگري ڏانهن هجرت ڪري اتي پنهنجو ڏاڪو ڄمايو ۽ ان سان گڏ انهيءَ خطي جي علم ۽ ادب جي واڌ ۾ حصو ورتو.

شيخ مبارڪ سنڌي، جنهن کي پوءِ ناگوري بہ سڏيو ويندو هو، اصل ۾ سنڌ جو رهاڪو هو ۽ ريل واري علائقي ۾ سن 911هہ مطابق سن 1405ع ۾ ڄائو. ريل جو علائقو هر دور ۾ اهل الله بزرگن جو آستانو رهيو آهي ۽ هن خطي ڪيترائي عالم ۽ فاضل شخص پيدا ڪيا، جن جي علم ۽ ڪمال جي خوشبوءِ دنيا جي ماڻهن جي دل ۽ دماغ کي معطر ڪندي رهي آهي. شيخ مبارڪ ناگوري، سنڌي جو والد ڏهين صدي هجري ۾ سير ۽ سفر جي بهاني سان ناگور جي شهر ۾ پهتو ۽ اتي شيخ يحيٰ بخاري اُجوي، شيخ عبدالرزاق قادري ۽ شيخ يوسف سنڌي جهڙن بزرگ استادن ۽ عارفن جو مريد ۽ معتقد ٿيو ۽ انهن جي ئي



وسيلي سان ناگور ۾ رهڻ لڳو ۽ انهن بزرگن جي صحبت ۾ رهڻ سبب شيخ خضر ظاهري ۽ باطني علم سان مالا مال ٿيو.

شيخ ابوالفضل پنهنجي سوانح حيات ۾ لکيو آهي ته منهنجا ابا ڏاڏا عرب نسل جا هئا ۽ يمن جا رهاڪو هئا ۽ شيخ مبارڪ سنڌي جي پنجين پيڙهي ۾ سندس ڏاڏو شيخ موسيٰ بن شيخ عبدالقادر نائين صدي هجري ۾ يمن مان لڏي سيوهڻ جي نديڙي ڳوٺ ريل ۾ اچي آباد ٿيو. اتي سندس پٽ پوٽا نهايت خوشگوار زندگي بسر ڪرڻ لڳا ۽ ظاهري ۽ باطني عملن کان پڻ بهرور ٿيندا رهيا. انهن مان شيخ خضر ڏهين صدي هجري جي شروع ۾ هندستان جي اوليائن جي زيارت ڪاڻ سيوهڻ مان لڏي وڃي ناگور وسايائين. ابوالفضل پنهنجي ڪتاب ڪشڪول ۾ ٻڌايو آهي ته شيخ موسيٰ پهتل بزرگ هو ۽ هميشه اڪيلائي ۾ عبادت و رياضت ۾ گذاريندو هو.

شيخ مبارڪ تمام ذهين هو چوڏهن سالن جي عمر ۾ فارغ التحصيل ٿيو بعد ۾ شيخ عطن (جيڪو ترڪ هو) کان سلوڪ ۽ طريقت ۾ تربيت حاصل ڪئي. چار مهينا شيخ فياض بخاري، مريد خواجه عبيدالله احرار جي صحبت مان روحاني فيض حاصل ڪيائين. همايون جي شڪست ۽ اتي جي گوڙ گهمسان کان بچڻ لاءِ ناگور ڇڏي احمد آباد آيو جتي هن اسلامي فقه جي چئن مشهور مذهبن جي فقه جو دقيق مطالعو ڪيو ۽ مجتهد جي لقب سان سرفراز ٿيو.

شيخ مبارڪ آگري ۾ جمنا درياءَ جي ڪناري تي مير رفيع الدين صفوي ايجيءَ جي گهر جي پرسان رهائش اختيار ڪئي. هتان ئي شيخ مبارڪ قريش خاندان مان شادي ڪئي. شيخ ابوالفضل پنهنجي والده متعلق لکي ٿو ته هوءَ فياض، حيادار ۽ اعليٰ ڪردار جي عورت هئي. شيخ مبارڪ آگري ۾ ئي مدرسو به کوليو عام ۽ خاص ۾ ڪيس عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو پر متعصب ماڻهو سندس آزاد فڪر ۽ راءِ جا مخالف هئا. شير شاهه سوري کيس روزگار لاءِ زمين ڏيڻ جو اشارو پڻ ڪيو پر شيخ صاحب وٺڻ کان انڪار ڪيو. اهڙي طرح سندس عالي ظرفي ۽ بلند همتي جي شهرت ۾ اضافو ٿيو. همايون جي عهدِ حڪومت ۾ سندس ڪيترائي شاگرد ايران ۽ توران کان آيا ۽ پاڻ درس و تدريس ۾ مشغول ٿي ويو.

شيخ مبارڪ اڃا نوجوان هو ته سندس والد شيخ خضر خاندان جي ٻين فردن کي سيوهڻ مان آڻڻ لاءِ سنڌ آيو پي ته رستي ۾ ئي فوت ٿي ويو. ان عرصي ۾ ناگور ۾ طاعون جي وبا ڦهلجي وئي. شيخ مبارڪ جي والده کان سواءِ خاندان جا ٻيا سڀ فرد ان وبا سبب فوت ٿي ويا. سن 947هه مطابق 1540ع ۾ سندس والده به انتقال ڪري وئي ۽ شيخ مبارڪ اڪيلو رهجي ويو.

جيئن ته شيخ مبارڪ به پنهنجي والد وانگر هجرت ڪري پهرين گجرات ۾ وڃي رهيو ۽ پوءِ اتان لڏي آگري جو شهر وسايائين. تحفته الڪرام مان وري اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ناگوري لقب. شيخ مبارڪ کي سندس پيءُ وٽان مليو جنهن کي علمي دنيا ۾ شيخ خضر ناگوري سڏيو ويندو هو. شيخ مبارڪ سنڌي، سنڌ مان نڪرڻ ڪانپوءِ اڪبر آباد وڃي وسايو ۽ شيخ فياض بخاري ۽ شيخ عمر ٺٽوي جي مريدي اختيار ڪيائين ۽ انهن جي صحبت ۾ گهڻو ڪي حاصل ڪيائين. آگري ۾ رهڻ وقت سندن صحبت شيخ حسين مروي سان ٿيندي رهندي هئي جو هو سندن پاڙيسري هو خواجه حسين. شيخ علاءُالدين سمناني جي خاندان مان هو ۽ شيخ مبارڪ سنڌي جي اولاد ۾ سندس ٻه پٽ شيخ ابوالفيض ۽ ابوالفضل مشهور آهن. ابوالفيض فيضي اڪبر جي دربار ۾ "ملڪ الشعراءَ" جي مرتبي تي پهتو. اهو لقب هن کان اڳ فقط هڪڙي ماڻهو يعني امير خسرو کي مليل هو. سندس ديوان طبا شبير الصبح، علمي دنيا ۾ مشهور آهي ۽ ان کان سواءِ هن هڪ سئو کان به متي ڪتاب تصنيف ڪيا آهن. مها ڀارت جو مشهور قصو ۽ هندي جي حسابن جو مشهور ڪتاب ليلاوتي جو فارسي ٻوليءَ ۾ ترجمو به هن ڪيو.

هي اڪبر جي دربار جي نون رتنن مان هڪ رتن هو. اهڙي طرح شيخ مبارڪ جو ٻيو پٽ ابوالفضل هو جو ٻن هزارن جي مهنداريءَ جي عهدي تي فائز هو. شيخ ابو الفضل جا ٻه ڪتاب آئين اڪبري ۽ اڪبر نامه مشهور آهن. جن ۾ برصغير هندو پاڪ جي تاريخ، معاشيات، معاشرو، تهذيب ۽ تمدن تي ڪافي اپٽار ڪئي وئي آهي.

شيخ مبارڪ سنڌي 17 ذي العقده سن 1000 هجري مطابق 15 آگسٽ سن 1593ع ۾ 120 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي، سندس لاشن کي امانت طور لاهور ۾ دفن ڪيو ويو. بعد ۾ سن 1002هه ۾ کيس آگره جي چار باغ ۾ دفنايو ويو جو بابر بادشاهه جو ٺهرايل هو شيخ مبارڪ جي وفات جو سال بدايوني "شيخ ڪامل" ۽ فيضي "فخر الڪمال" مان ڪڍايو آهي.

# ڪراچي کان گورک جو سفر

حبدار علي

اسان جي پياري سنڌ جيڪا قديم آهي، اڄ مان اوهان کي ٻڌائيندو هلان تہ لفظ ”سنڌ“ سنڌو مان ورتل آهي، ان اسان جي سهڻي سنڌ جي دادو ضلعي ۾ واقع گورک جي ٽڪري هڪ وڻندڙ تفريحي ماڳ آهي جيڪا تمام گهڻي ٿڌي آهي، جنهن کي سنڌ جي مري چيو ويجي ٿو جيڪڏهن توهان سنڌ جي ڪائي ٽڪري گهمڻ وڃو ٿا تہ گورک جي ٽڪري بهترين گهمڻ جي جاءِ آهي. گورک جي ٽڪري ڪراچي کان 400 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي جيڪا ضلعي دادو ۾ واقع آهي. ڪراچي کان گورک وڃڻ لاءِ حيدرآباد کان ڄامشورو، واهي پانڌي جو رستو بهتر آهي. واهي پانڌي کان رستو پٿريلو آهي، ان رستي سان فور باءِ فور گاڏيون ئي هلي سگهن ٿيون جيڪي اتي مقامي ماڻهو بہ ڪرائي تي هلائيندا آهن. انهن گاڏين کي الٽريشن ڪرائي ان سفر جي قابل بڻايو ويندو آهي، جن



ڪي هزار سي سي ۾ 16 هزار سي سي بڻايو ويندو آهي. انهن گاڏين کي هلائڻ وارا ڪي عام ڊرائيور نہ هوندا آهن بلڪ ان پٿريلي رستي تي سالن کان هلائيندڙ ڊرائيور هوندا آهن جن کي تمام گھڻو تجربو هوندو آهي. واهي پانڌي کان گورک جو مفاصلو صرف 50 ڪلوميٽر آهي ليڪن ان کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اڍائي ڪلاڪ لڳي ويندا آهن. انهن رستن سان تمام گھڻي گرمي هوندي آهي، جيئن جيئن پهاڙي جي چوٽي تہ چڙهندا ويندا آهيون تيئن تيئن گرمي گھٽ ٿيندي ويندي آهي. جيئن ئي چوٽي تي پهچندا آهيون تہ شام جي ٽائيم سج لهندو ويندو آهي ۽ سردي ۾ اضافو ٿيندو ويندو آهي ۽ دل کي سڪون ايندو ويندو آهي، پهاڙن جي چوٽي کان ڏٺو وڃي تہ پهاڙن جي وچ ۾ ڏنڌ چانيل رهندي آهي، هي هڪ قدرت جو ڪرشمو آهي، گورک جي ٽڪري تان آسمان کي قريب سان ڏٺو ويندو آهي، ايترو جو سڄي رات توهان ستارا ڳڻي گذاري ڇڏيو.

گورک هل تي پرائيويٽ ۽ گورنمينٽ جا هوٽل موجود آهن جتي رات جي ٽائيم آرام ڪري سگھجي ٿو. کائڻ پيئڻ جي لاءِ هوٽل ۾ هڪ ريسٽورينٽ بہ موجود آهي، ليڪن کائڻ پيئڻ جون شيون تمام گھڻيون مهانگيون آهن. صبح جو ٿڌي موسم ۾ اڪ ڪولڻ سان اوهان جي آڏو هڪ منفرد نظارو





هوندو آهي، گورک هل تي سج لهڻ ۽ اُڀرڻ جا ٻہ تمام بهترين نظارا هوندا آهي. سج جي روشني پهاڙن جي چوٽين کي چمندي اچي اکين سان لڳي ٿي تہ اهو تمام بهترين نظارو هوندو آهي، گورک هل قدرت جي طرفان هڪ تحفو آهي، گورک هل جي ٽڪري تان صوبي بلوچستان ۽ سنڌ جي دنگ جو ٻہ نظارو ڪيو ويندو آهي، گرمين ۾ گورک تي گرميءَ جو درجو 10 کان 15 سينٽي گريڊ هوندو آهي، جڏهن تہ سياري جي موسم ۾ درجہ حرارت مائينس ۾ ٻہ هليو ويندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن سردي جي موسم ۾ هتي برف ٻہ پوندي آهي.


ڪجھہ سياح ٽڪرين تي پنهنجا نالا لکي يادگيرين طور ڇڏي ويندا آهن. اتان مقامي ماڻهن کان گورک جي نالي جي باري ۾ پڇيو ويو تہ انهن چيو تہ هي بلوچي زبان جي لفظ ڪرڪ جو بگڙيل لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”بگهڙ“. ڪنهن زماني ۾ اتي بگهڙ ٻہ رهندا هئا جيڪي خون خوار هوندا هئا، ان جي ڪري ان جو نالو گورک پيو. سنڌي زبان ۾ گورک جي معنيٰ آهي ڏکيو رستو ۽ ان جي اوچائي 1700 ميٽر آهي، هيءَ هڪ مٿانهين جڳهہ آهي جنهن ڪري هتي اچڻ واري کي سڪون ملي وڃي ٿو، هتي پهاڙن جي ٽڏين چوٽين کان جبلن جون قطارون ۽ کاهيون ڏسڻ وٽان آهن، جيڪڏهن توهان ٻہ گرمين جي موسم ۾ سڪون وٺڻ چاهيو ٿا تہ گورک جو چڪر لڳايو ۽ دل کي سڪون بخشيو.

# ڪينسر ۽ ان جو علاج

يسرا سليم

ڪينسر جسم جي سيلن غير فطري پيچ ڊاھ جي هڪ بيماري آهي. اهو تڏهن ٿئي ٿو جڏهن سيلز بنا ڪنٽرول وڌندا رهن ٿا. اهي ڪينسر خانا ٿامي ٿاهي سگهن ٿا ۽ آس پاس جي صحتمند بافتن تي حملو ڪري تباھ ڪري ڇڏين ٿا. ڪڏهن ڪڏهن سيلز جيڪي غير معمولي طور تي وڌي رهيا آهن پکڙيل نہ آهن، انهن سيلن کي 'بينين'سڏيو ويندو آهي اُهي خطرناڪ نہ آهن. ڪجھ سيلز پکڙيل آهن يا ڦهلائڻ جي قابل آهن، جسم جي ٻين حصن ۾ موجود سيلن کي ’مليگنيٽ‘ يا ڪينسر چئبو آهي، جڏهن ڪينسر توهان جي جسم جي ٻين حصن ۾ پکڙجي ويندو آهي تہ ان کي 'ميٽاساسس'سڏيو ويندو آهي. ڪينسر جي شروعاتي نشانين ۾ توهان جي جسم جي عام عملن ۾ تبديليون شامل آهن، جهڙوڪ توهان جي پيٽ جي عادتن ۾ تبديلي، اڻچاتل خونريزي يا لمپ جي







ترقي ڀين علامتن ۾ شامل ٿي سگهي ٿو. عام طور تي انهن تبديلين جو مطلب اهو ناهي ته توهان کي سرطان آهي پر اهو ضروري آهي ته توهان پنهنجي ڊاڪٽر سان رجوع ڪريو ته جيئن اهو تحقيق ڪري سگهي.

**ڪينسر جون امڪاني نشانيون ۽ علامتون:**

- توهان جي سيني ۾ ٿلهي يا ٿلهي علائقي
- توهان جي سينن جي شڪل ۾ ڪا به تبديلي
- غير معمولي نپل خارج ٿيڻ

هڪ نپل جيڪو اندران ڦرندو آهي (جيڪڏهن اهو هميشه ائين نه هجي) سيني ۾ غير معمولي سور، ڳچيءَ ۾، بغل ۾ يا جسم جي ڪنهن ٻئي حصي ۾، زخم جيڪي ٺيڪ نٿا ٿين، ڪنگهه يا کُنڊي جيڪا دور نه ٿي ٿئي يا ڪجيءَ ۾ رت وهڻ. ٽوائليٽ جي عادتن ۾ تبديليون جيڪي 2 هفتن کان وڌيڪ عرصي تائين، آنڊي جي حرڪت ۾ رت (پو) يا پيشاب ۾ (وي) نوان ٿلها يا چمڙي جا داغ. ٿلهو يا چمڙي جا داغ جن جي شڪل، سائيز يا رنگ تبديل ٿي ويا آهن، ٿلهو يا چمڙي جا داغ جن مان رت وهي ٿو. غير معمولي وينجن خارج ٿيڻ يا خونريزي، اڻڄاتل وزن نقصان، دست يا قبض بغير ڪنهن واضح سبب جي، ٽوائلٽ ۾ وڃڻ کان پوءِ توهان جي آنڊن کي مڪمل طور تي خالي نه ڪرڻ جو احساس، توهان جي پيٽ ۾ درد (پيٽ) يا توهان جي مستطيل (پوئتي گذرڻ) مسلسل ٻرندڙ. اڪثر اسان کي خبر ناهي ته ڪينسر ڇو ٿئي ٿو. پر ڪجهه شيون آهن جيڪي خاص طور تي ڪينسر جي خطري کي وڌائين ٿيون.

سگريٽ نوشي ڪينسر جي هر 9 ڪيسن مان 1 ۾ ڪينسر جي هر 5 مان 1



موت جو ذميوار آهي.

ٻيا خطري جا عنصر شامل آهن:

هڪ صحت بخش غذا نہ کائڻ

وڌيڪ وزن هجڻ

گهٽي ورزش نہ ڪرڻ

تابڪاري جي سامهون ٿيڻ (جهڙوڪ سج جي روشني کان) ڪڏهن ڪڏهن ڪينسر خاندانن ۾ هلندو آهي. توهان جين وارث ڪري سگهو ٿا جيڪي توهان کي سرطان ۾ مبتلا ڪرڻ جا امڪان وڌائن ٿا. ٻين حالتن ۾، ڪينسر هڪ انفيڪشن سان لاڳاپيل آهي. مثال طور، سروائيڪل ڪينسر انساني پيپليلوما وائرس (HPV) انفيڪشن جي ڪجهہ قسمن سان لاڳاپيل آهي. ڪجهہ ڪيميائي ۽ مٽي کي ظاهر ٿيڻ سان پڻ توهان جي سرطان کي وڌائڻ جو خطرو وڌائي سگهي ٿو. ڪيترائي ڪينسر سست رفتاري سان وڌندا آهن ۽ اهي علامتون پيدا ڪرڻ کان اڳ سالن تائين ٿي سگهن ٿا.

ڪڏهن ڪڏهن ڪينسر معمولي ٽيسٽن دوران يا ڪينسر جي اسڪريننگ دوران ملي ٿو. ڪينسر جي صحيح تشخيص وقت وٺي سگهي ٿي. ڪينسر جي تشخيص لاءِ مختلف ٽيسٽون استعمال ڪيون وينديون آهن. اهي انحصار مسئلي جي جڳهہ ۽ توهان جي علامات تي. ٽيسٽن ۾ رت جا ٽيسٽ، ايڪس ري، سي ٽي اسڪين، ايم آر آئي اسڪين يا الٽراسائونڊ شامل ٿي سگهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن هڪ ڊاڪٽر توهان جي جسم جي اندر اندر ڏسي سگهي ٿو. اهو هڪ اينڊو اسڪوپ سان ڪيو ويندو آهي، هڪ ڊگهو ٽيوب جنهن جي آخر ۾ هڪ روشني ۽ ڪئميرا ڳنڍيل آهي.

جيڪڏهن ڪينسر جو شڪ آهي، توهان جو ڊاڪٽر اڪثر ڪري هڪ بايوپسي وٺندو. هن ۾ ٽشو جو هڪڙو ننڍڙو نمونو وٺڻ شامل آهي جيڪو ليبارٽري ۾ جاچيو ويندو آهي. اهو توهان جي ڊاڪٽرن کي سرطان جي قسم بابت معلومات فراهم ڪندو ته اهو ڪيترو نقصانڪار آهي. ڪينسر جي علاج لاءِ ڪيترائي طريقا آهن. علاج هر وقت بهتر ٿي رهيا آهن. توهان لاءِ بهترين قسم جو علاج منحصر آهي ڪينسر جي قسم تي ۽ اهو ڪيترو ترقي يافته آهي.

ڪجھ علاجن بابت ڄاڻ هيٺ ڏجي ٿي:

**ڪيموٿراپي:** طاقتور ڪينسر مارڻ واريون دوائون

**ريڊيوٿراپي:** اعليٰ توانائي ايڪسري جو ڪنٽرول استعمال

**راحي:** ڪينسر کي ختم ڪرڻ لاءِ

**امونٿراپي:** علاج جيڪو توهان جي مدافعتي نظام کي ڪينسر سان وڙهڻ لاءِ استعمال ڪري ٿو


**هدف ٿيل علاج:** دوا جيڪا صرف سرطان کي هدف ڪري ٿي ۽ توهان جي جسم جي ٻين سيلن کي نه

**هارمون ٿراپي:** هڪ علاج جيڪو هارمونز کي ڪينسر جي پکيڙ کي روڪڻ يا سست ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو

استيم سيل ٽرانسپلانٽ: پڻ سڏيو ويندو آهي بون ميرو ٽرانسپلانٽ، ڪجھ رت جي ڪينسر جي علاج لاءِ :palliative care علاج توهان جي زندگي جي معيار کي وڌائڻ لاءِ

مڪمل علاج: علاج جهڙوڪ مساج





ءِ آرام، توهان کي علاج سان منهن ڏيڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ توهان علاج دوران صحت جي ماهرن جي هڪ حد کي ڏسندا. انهن ۾ شامل ٿي سگهي ٿو هڪ آنڪولوجسٽ (ڪينسر جو ڊاڪٽر)، ريڊيالوجسٽ، سرجن، پيٿولوجسٽ، نرسون ۽ توهان جو پنهنجو ڊاڪٽر. سرجري پهريون علاج آهي جنهن جي پهرين قسم جي ڪينسر لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي آهي، ڇاڪاڻ ته سڪل ٽامي کي عام طور تي جراحي طور ختم ڪري سگهجي ٿو.

2. ٻيا عام استعمال ٿيل علاج جا طريقا آهن:

ڪيموٿراپي - طاقتور ڪينسر مارڻ واريون دوائون

ريڊيوٿراپي - تيز توانائي واري ايڪس ري جو ڪنٽرول استعمال

تقريبن 1 مان 3 ڪينسر کي روڪي سگهجي ٿو. ڪينسر کي روڪڻ لاءِ بهترين طريقا آهن:

سگريٽ نوشي ڇڏڻ

شراب جو استعمال گهٽائڻ

پڪ ڪريو ته توهان جو وزن متوازن آهي

هڪ متوازن غذا کائو

ڪافي مشق حاصل ڪريو

پنهنجو پاڻ کي سج کان بچايو

جيڪڏهن توهان ۾ ڪينسر جي تشخيص ڪئي وئي آهي ته اهو عام طور تي حيران، اداس، ناراض يا پريشان ڪندڙ احساس آهي، پر توهان پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ لاءِ هيٺ ڏنل عادتون اختيار ڪري سگهو ٿا:

سرگرم رکڻ

هڪ غذائي غذا کائڻ

ڪنهن به سور يا ننڊ جي مسئلن کان چوٽڪاري لاءِ مدد لاءِ ڊاڪٽر سان ڳالهائڻ

توهان جي ماليات ۽ ٻين معاملن کي منظم ڪرڻ

ڪينسر جا سيلز رت جي وهڪري يا لففيٽڪ سسٽم ذريعي جسم جي ٻين حصن تائين پکڙجي سگهن ٿا. اتي اهي نئين ٽامي ۾ وڌڻ شروع ڪري سگهن ٿا.

ڪينسر جا نالا ان بنياد تي رکيا ويا آهن جتي انهن پهريون پيرو ترقي ڪرڻ شروع ڪئي. مثال طور، آنڊن جو ڪينسر جيڪو جگر تائين پکڙجي ويو آهي، ان کي جگر جي ميٽاسسز يا سيڪنڊريز سان آنڊن جو ڪينسر چئبو آهي. ان کي جگر جو ڪينسر سڏيو ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي ته جگر ۾ سرطان جي سيلز سرطان جي آنت جي سيلز آهن. اهي جگر جا سيل نه آهن جيڪي ڪينسر بڻجي ويا آهن.

پکڙجڻ لاءِ، ابتدائي ڪينسر مان ڪي سيلز ٽوڙڻ گهرجن، جسم جي ڪنهن ٻئي حصي ڏانهن سفر ڪن ۽ اتي وڌڻ شروع ڪن. ڪينسر جا سيلز گڏ نه ٿا رهن ۽ گڏوگڏ عام سيلز ڪندا آهن. اهي شايد مواد پيدا ڪري سگهن ٿيون جيڪي انهن کي منتقل ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪن ٿيون.

ڏنل ڊاياگرام ڏيکاري ٿو ته خاني ۾ هڪ ٽمور جسم جي جوڙجڪ جي استر ۾ آهي جهڙوڪ آنت جي پيٽ. طومار پرت جي ذريعي وڌندو آهي جيڪو سيلن کي جاءِ تي رکي ٿو (بيسمينٽ جهلي). توهان لاءِ ڪافي مدد آهي. ڪينسر ڪائونسل توهان کي صلاح ڏئي سگهي ٿي ته ڪيئن ٻين ماڻهن کي ٻڌايو وڃي، ٻارن سميت. ڪينسر جو علاج ڏهاڪن تائين بهتر ٿي رهيو آهي. محقق نه رڳو ترقي ڪري رهيا آهن علاج جيڪي وڌيڪ اثرائتو آهن، پر اهي پڻ انهن جي ضمني اثرات کي گهٽائڻ تي ڌيان ڏئي رهيا آهن. اهو اهم آهي، ڏنو ويو آهي ته آمريڪا ۾ تقريبا 16 ملين ماڻهو ڪينسر جي تاريخ سان گڏ رهندا آهن. اهو انگ 20 تائين 2026 ملين کان وڌي وڃڻ جو امڪان آهي.



سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ جي ڪرغزستان جي سفير مسٽر توتوئيف اولان بيڪ اسانڪولوچ سان وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ پاڪستان آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾
احمد پرويز آرٽ گيلريءَ جي افتتاح لاءِ تختيءَ جي نقاب ڪشائي ڪري رهيو آهي.

Monthly **PAIGHAM** Karachi

FEBRUARY- 2023




# سنڌ حڪومت طرفان عوام لاءِ سفري سهولتن جو شاندار تحفو

(خاص ليک اندر پڙهندا)

عوام کي اتي، لتي ۽ اجهي جي نعري تي عمل پيرا پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت عوامي خدمت جا نوان مثال قائم ڪندي صوبي ۾ زبردست منصوبا شروع ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪوشان نظر ايندي آهي. انهيءَ جو تازو مثال سنڌ جي وڏن شهرن ۾ عوام کي بهترين سفري سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ جديد بسون هلائڻ پڻ آهي، جنهن ڪري عام ماڻهو روزانو پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ آرامده سفري سهولتن مان مستفيد ٿي رهيو آهي.

پيپلزپارٽي حڪومت سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ شهرين کي درپيش ٽرانسپورٽ جي مسئلن کي وڏي عرصي کان اهم مسئلي طور ڏٺو، ان ڪارڻ ئي اهم فيصلا ڪيا پيا وڃن، هڪ ته ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽ جي لحاظ کان روايتي خانگي ٽرانسپورٽ مافيا جي هڪ هٽي هجڻ ٻه پبلڪ لاءِ مٿي جو سور آهي. ڇو ته اهي ڀاڙا ٻه پنهنجي مرضيءَ جا ٿا وٺن ته روٽ تي اسٽاپ ٻه پنهنجي مرضيءَ سان ٿا ڪن، جنهن ڪري مسافرن جي پريشاني هڪ فطري عمل آهي.

Information Department
Government of Sindh